آءٌ علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي.
(حديث شريف)

وکر سو وهاءِ

(ديوان عليءَ مان اقتباسات)

مترجم:

محبوب علي جوکيو

سنڌي ادبي جي ڪوآپريٽو سوسائٽي لميٽيڊ،
٨/٣ منظور چيمبرس، گاڏي کاتو،
حيدرآباد سنڌ

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊنعو ڇپرڻيون] جنوري، ۱۹۷۸ [ڪاپيون هڪ هزار

قيمت ۵-۰۰ رپيا

ڇپيندڙ:

سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻه اکر

هيءُ ڪتاب، جيڪو ”وکر سو وِهاءِ“ جي نالي سان اوهان جي هٿن ۾ حاضر آهي، سو حضرت علي عليه‌السلام جن جي ڪتاب ”ديوان علي“ جو ترجمو آهي، ۽ اقتباسات جي صورت ۾ آهي، يعني اصل ڪتاب مان، ترجمي ڪرڻ وقت، ڪجهه شعر ۽ ڪن شعرن مان ڪجهه مصراعون ڇڏيون ويون آهن. ائين ڪرڻ جو سبب هي آهي ته، جيڪي شعر يا مصراعون ڇڏيون ويون آهن، سي تاريخي واقعن سان واسطو رکندڙ آهن، ۽ انهن جي ڏيڻ سان انهن تاريخي واقعن جي به اپٽار ڪرڻ ضروري هئي، جن کان سواءِ انهن ڳالهين کي سمجهڻ دشوار ٿي پوي ها. تنهن کان سواءِ، ڪتاب جي ضخامت جو به خيال رکيو ويو ته، جيئن اها وڌي نه وڃي.

هن ڪتاب ۾ صرف اهي ڳالهيون ۽ نڪتا ترجمو ڪيا ويا آهن، جيڪي پنهنجيءَ جاءِ تي، اڪيلي سر به، سراپا نصيحت ۽ هدايت آهن، ۽ جن کي، بنا ڪنهن پس منظر بيان ڪرڻ جي يا تشريح ۽ تفسير ڪرڻ جي، سمجهي سگهجي ٿو.

هر هڪ شعر کي ڌار ڌار نمبر ڏنو ويو آهي ۽ ان شعر جي هر هڪ مصرع کي گل جي نشانيءَ (*) سان ڌار ڪيو ويو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترن نسخن ۾، ھر ھڪ شعر جو عنوان يا سرو ڏنل آهي، پر مون ائين ڪونه ڪيو آهي. مون وٽ ان لاءِ اهو دليل آهي ته عنوان ڏيڻ سان ان شعر جي معنيٰ ۽ مفهوم کي حدون لڳي وڃن ٿيون ۽ پڙهندڙ رڳو انهيءَ دائري اندر سوچي ٿو ۽ ان شعر جي معنيٰ ۽ مفهوم جي محدود هجڻ جو اثر قبولي ٿو. تنهن کان سواءِ حقيقت اها به آهي ته حضرت علي جي شعرن کي ڪن خاص حدن اندر بند ڪرڻ بهتر به نه آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي ھر ھڪ مصرع، سٽ يا لفظ ۾ ڪيتريون ئي معنائون ۽ مطلب آهن، جن کي آسانيءَ ۽ آزاديءَ سان پنهنجو پاڻ محسوس ڪرڻ ۽ سمجهڻ لاءِ پڙهندڙن کي آزاد ڇڏي ڏجي ته چڱو آهي.

حقيقت اها آهي ته ڪنهن به ٻوليءَ مان ترجمو ڪرڻ هڪ نهايت ئي ڪٺن ڪم آهي. ترجمي ڪرڻ وقت، ٻوليءَ جي فصاحت، بلاغت ۽ رنگينيءَ کان سواءِ مفهوم ۽ مطلب جو به خاص ڌيان رکڻو پوي ٿو. وري شعر جو ترجمو ڪرڻ ته تنهان ئي اوکو آهي.

هن ترجمي جي سلسلي ۾، اهو ئي عرض ڪندس ته مفهوم ۽ مطلب جو گهڻو خيال رکيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته اصل شيءِ ته اها ئي آهي، جنهن لاءِ ڪتاب ٻين ٻولين مان ترجمو ڪيا وڃن ٿا.

آخر ۾، آءٌ پنهنجي محسن ۽ مهربان بزرگ ساٿي، محترم محمد ابراهيم جويي جن جو ٿورائتو آهيان، جن صاحبن هن

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب کي پنهنجي نظرداريءَ هيٺ ڇپائي، سنڌي ادبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، پاران پڌري ڪرڻ جو اهتمام ڪيو.

شهدادپور، سنڌ

تاريخ ١- سيپٽمبر ١٩٧٧

خادم الفقراء

محبوب علي جوکيو

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وکر سو وِڄاءِ، جو ڏِٺي پراڏو نہ ٿئي،
ويچيندي ولاتَ ۾، ذرو ٿئي نہ ضاعِ،
سا ڪا هڻُ ھلاءِ، آگهہ جنهن جي آهين.
— شاھ

books.sindhsalamat.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

(١)

* سمورا انسان، شڪل شباهت جي لحاظ کان، هڪجهڙا آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جو پيءُ آدم آهي ۽ ماءُ حوا آهي.

* مائرون، سواءِ هڪ ٿانءَ جي، ڪجهہ بہ نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي نطفي لاءِ امانتگاهہ آهن، باقي حسب نسب لاءِ پيئر آهن.

* جيڪڏهن مائهن لاءِ حسب نسب ۾ ڪا وڏائي آهي، جنهن تي هو فخر ڪن ٿا، تہ اهو آهي مٽي ۽ پاڻي.

* جيڪڏهن توهان نسب وارن لاءِ ڪو بہ فخر ظاهر ڪرين ٿو، تہ تحقيق، منهنجي لاءِ فخر جو باعث نسب آهي سخاوت ۽ بلند اخلاق.

* فضيلت صرف اهل علم وارن لاءِ آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي خود بہ هدايت جي راهہ تي آهن ۽ هدايت جي طالبن لاءِ بہ رهنما آهن.

* ۽ انسان جو قدر ۽ قيمت انهيءَ ۾ آهي تہ پيا هن کي نيڪ سمجهن، باقي جاهل تہ عالمن جا دشمن هوندا ئي آهن.

* علم حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ ان جو ڪو بہ اجورو نہ چاهيو، ڇاڪاڻ تہ جاهل انسان مردي وانگر آهي ۽ عالم زنده وانگر.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢)

* جاهل جي صحبت اختيار نہ ڪر، تون هن ڪان پري رهہ ۽ ڪيس بہ پاڻ ڪان پري وڪہ، ڇاڪاڻ تہ ڪيترا ئي جاهل آهن، جن عقلمندن کي تباهہ ڪري ڇڏيو، حالانڪ هنن سائن ڀائيچارو بہ رکيو.

* ماڻهوءَ جو انداڙو ان وقت لڳائي سگهجي ٿو، جڏهن هو پاڻ سان گڏ هجي، ۽ ڪن شين جي وچ ۾ امتياز ڪرڻ لاءِ ڪجهہ طريقا آهن.

* ۽ دل کي دل مجهان انهيءَ وقت راهہ ملندي آهي، جڏهن هوءَ ان سان ملندي آهي.

(٣)

* دوستيءَ ۽ ڀائيچاري وارو زمانو بدلجي ويو ٿو، جڏهن سچائي ناپيد ٿي وڃي ٿي ۽ ماڻهن سان وابستہ ڪيل اميدون ٽٽي پون ٿيون.

* زماني مون کي انهيءَ دوست جي حوالي ڪري ڇڏيو، جيڪو ڏاڍو بيوفا آهي ۽ جنهن وٽ مروت نہ آهي.

* جلد ئي، جنهن ماڻهن کي مون کان بي پرواهہ ڪري ڇڏيو آهي، سو مون کي بہ انهن کان بي نياز ڪري ڇڏيندو، ڇاڪاڻ تہ نہ مفلسي هميشہ رهندي آهي ۽ نہ وري دولتمندي.

* ڪا بہ نعمت هميشہ رهڻ واري نہ آهي. اهڙيءَ طرح سختيءَ ۽ تڪليف کي بہ بقا نہ آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* جيڪا دوستي خدا ڪارڻ آهي سا پاڪ آهي، پر بداطواريءَ واريءَ محبت ۾ خلوص نه هوندو آهي.

* جڏهن آءٌ ڪنهن گهاٽي دوست جي بي وفائي ڏسندو آهيان، ته آءٌ پنهنجي ذاتي وقار ۽ حياءَ کي نظر ۾ رکي، ان کي درگذر ڪري ڇڏيندو آهيان.

* هر زخم لاءِ ڪا نه ڪا دوا آهي، پر بداخلاقيءَ جي ڪا به دوا نه آهي.

* ڪيئي پاڻر آهن، جن ساڻ مون دوستي نباهي، پر انهن جي دوستي ۽ وفاداري هميشه نه رهي.

* هو جڏهن مون کي روبرو ڏسندا آهن، ته دوستي قائم رکڻ جي ڳالهه ڪندا آهن، ۽ انهن جي دوستي ان وقت تائين باقي رهندي آهي، جنهن وقت تائين هو روبرو هوندا آهن.

* آهي ان وقت تائين دوست رهندا آهن، جنهن وقت تائين منهنجو انهن ۾ ڪم نه پوندو آهي، ۽ جڏهن ڪو وقت ايندو آهي ته ڦري منهنجا دشمن ٿي پوندا آهن.

* بس، جڏهن آءٌ سندس نظر کان دور ٿي ويندو آهيان ته هو مون کان بيزار ٿي ويندو آهي ۽ پرپٺ بدشد ڳالهائيندو آهي.

* جڏهن اهل بيت جي سردار دنيا مان ڪوچ ڪيو، ته ماڻهن جي طرفان اهل بيت تي ظلم ۽ ستم به ظاهر ٿيو.

(٣)

* انهن (عورتن) جو ذڪر ئي نه ڪر، جن ۾ ڪا وفا ئي

books.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

آهي. انهن جا وعدا اهڙا ئي عارضي آهن، جهڙا هوا جا جهوٽا.

* اهي توهان جي دلين کي ٽوڙين ٿيون، پر جوڙين ڪونه ٿيون. انهن جون دليون وفا کان خالي آهن.

(۵)

* ڪيترا ئي ماڻهو دولت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا، پر انهن کي نٿي ملي. ٻيا ڪوشش به نٿا ڪن، پر انهن کي ملي ٿي وڃي.

* ڪوشش ڪرڻ وارا خوب مال گڏ ڪن ٿا، ته جيئن انهيءَ شيءِ جا مالڪ ٻنجي وڃن، جنهن جا مالڪ بدبخت ۽ بدانجام هئا.

* هڪ بصيرت جو صاحب عالم ۽ ٻيو جاهل، اهي ٻئي برابر نه آهن.

* جيڪڏهن ڪنهن زماني تي ڪاوڙ ڪئي، ته ان لاءِ اها ڪاوڙ، تڪليف جو باعث بڻبي.

* ماڻهو کي مفاسي ايتريءَ حد تائين به ذليل ڪري ٿي، جو جيڪڏهن هو سچ به ڳالهائي ٿو ته به هن جي ڳالهه ڪوڙي سمجهي وڃي ٿي.

(۶)

* اهو شخص مثل نه آهي، جنهن مري وڃڻ کان پوءِ سڪون حاصل ڪيو. حقيقت ۾ مئل اهو آهي، جيڪو دنيا جي زندگيءَ لاءِ مري ٿو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

* دنيا کي ٽي طلاقون ڏيئي ڇڏ، ۽ ان کان سواءِ ڪا ٻي زال تلاش ڪر، ڇاڪاڻ ته هيءَ هڪ بري عورت آهي ۽ اِها اهڙي ماڻهوءَ جي پرواهه نٿي ڪري، جيڪو وٽس موجود آهي.
* جڏهن دنيا جون اسيدون ڪنهن شخص وٽان پوريون ٿي وڃن ٿيون، ته پوءِ هوءَ آنهيءَ کان منهن موڙي وڃي ٿي.

(٨)

* اي دنيا جا عاشق، هن جو رخ ته تنهنجي غير ڏانهن آهي. جڏهن هوءَ توکان منهن موڙي ٿي، ته توکي ڏاڍي ندامت ٿئي ٿي.

(٩)

* دنيا کان پرهيز ڪر، ڇاڪاڻ ته هُن جو صحن فنا جو مقام آهي ۽ نه بقا واري جڳهه.
* هُن جي، صفائي ڪدورت آميز آهي ۽ هن جي راحت ۾ مصيبت پنهان آهي.

(١٠)

* دنيا جون ٻه حالتون آهن: سختي ۽ نرمي. ۽ هُن جا ٻه نمونا آهن: نعمت ۽ زحمت.
* جڏهن ڪنهن هوشيار ۽ اديب جوان کي زمانو ستائي ٿو،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ هن ڪان بہ صبر چڙائي وڃي ٿو.
* جيڪڏهن توهان تي ڪو بہ حادثو پيش اچي، تہ بيشڪ اَءُ حادثن برداشت ڪرڻ لاءِ سخت پٿر مثل آهيان.
* اَءُ پنهنجي علم جي وسيلي مصيبتن کي چاڙان ٿو. تحقيق، نہ نعمت هميشہ رهندي ۽ نہ وري زحمت.

(١١)

* بيشڪ، سيني ڏينهن مان ڇنڇر جو ڏينهن ئي آهي، جنهن ڏينهن توهين شڪار ڪرڻ جو ارادو ڪريو.
* آچر تعميراتي ڪمن لاءِ بهتر آهي، ڇو تہ انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ آسمانن جي ناهڻ جي شروعات ڪئي هئي.
* سومر جو ڏينهن اهڙو آهي، جو ان ۾ سفر ڪجي تہ مقصد حاصل ڪرڻ ۽ دولتمندي حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿيندي.
* جيڪڏهن ڪو سير ڇوڙائڻ چاهي، تہ اڱارو اڱاري ڏينهن ٿئي، ڇاڪاڻ تہ ان ڏينهن جي ڪن گهڙين ۾ خون وهڻ جو اثر هوندو آهي.
* جيڪڏهن ڪو شخص دوا پيئڻ چاهي تہ ان لاءِ بهترين ڏينهن اربع آهي.
* خميس جو ڏينهن ضرورتن پوري ڪرڻ لاءِ آهي. انهيءَ ڏينهن رب تعاليٰ دعا جي اجازت ڏيندو آهي.
* ۽ جمعي جو ڏينهن وهانءَ شاديءَ لاءِ آهي. انهيءَ ڏينهن، مرد ۽ عورت جو لطف حاصل ڪرڻ بهتر آهي.
* ۽ هن علم کي ڪو بہ ڪونہ ٿو ڄاڻي، سواءِ نبي ڪريم

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي، يا انهيءَ شخص جي، جنهن کي نبيءَ جي وصيت ڪيل هجي.

(١٢)

* آءٌ حاضر آهيان، حاضر آهيان، حاضر آهيان. تون منهنجو مالڪ آهين. پوءِ، تون ئي پنهنجي بندي تي رحم ڪر، ڇاڪاڻ ته هو توکي التجا ڪري ٿو.
* اي بلنديءَ ۽ برتريءَ وارا، مون کي تو تي ئي ڀروسو آهي. بيشڪ، انهيءَ لاءِ خوشخبري آهي، جنهن جو تون مالڪ آهين.
* خوشخبري آهي انهيءَ شخص لاءِ، جيڪو پنهنجي گناهن تي پشيمان آهي ۽ رات جو جاڳندڙ آهي ۽ پنهنجي تڪليفن جو فرياد رب پاڪ سان ڪري ٿو.
* انهيءَ لاءِ نه ڪا بيماري آهي ۽ نه وري ڪا برائي، جنهن جي محبت جو ٿورو حصو به پنهنجي مالڪ لاءِ آهي.
* اي منهنجا ٻانها، تو مون کان سوال ڪيو، ۽ تون منهنجي حمايت ۾ آهين، ۽ تو جيڪو ڪجهه چيو، سو مون ٻڌي ورتو آهي.
* منهنجا فرشتا تنهنجي آواز جا مشتاق آهن ۽ بيشڪ مون تنهنجي گناهن کي معاف ڪري ورتو آهي.
* تو جيڪي خواهشون ڪيون آهن، اهي توکي دائمي بهشت ۾ حاصل ٿينديون. تنهنجي لاءِ اها خوشخبري آهي، خوشخبري آهي، خوشخبري آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* مون ڪان بي خوف ۽ بي خطر ٿي گهر. ڏج نه. بيشڪ آءٌ معبود آهيان.

(۱۳)

* چيا، نبي ڪريم جي دفن ڪفن ڪان پوءِ، اسان جي لاءِ ڪو غم ڪرڻ جو موقعو نه آهي، ڇاڪاڻ ته هو قبر ۾ مقيم ٿي ويا!

* تحقيق، سندس جدائيءَ سبب اسين سڀ غم ۾ مبتلا ڪيا وياسون، ڇاڪاڻ ته هاڻي جڏهن اسين هن بدحاليءَ ۾ زنده رهنداسون، ته سندن مثل اسان جي جماعت ۾ ڪونه هوندو.

* هو پنهنجي گهر وارن ڪان سواءِ، اسان (قوم) لاءِ به قلعي مثل هو، ۽ دشمن ڪان بچڻ لاءِ انهن وٽ مضبوط ۽ مستحڪم پناه گاهه هو.

* اسين، سندس ديدار سان، صبح ۽ شام، روشني ۽ هدايت حاصل ڪندا هئاسون، ڇاڪاڻ ته هو، صبح ۽ شام، اسان ۾ موجود هوندو هو.

• بيشڪ، هن جي انتقال ڪان پوءِ، اسان تي تاريڪي پکڙجي ويئي آهي ۽ رات جي اونداهي ته اڃا به وڌيڪ گهري ٿي ويئي آهي.

• جڏهن پڌايو ويو ته رسول الله انتقال ڪري ويو ته ماڻهن لاءِ زمين، وسيع هئڻ جي باوجود به، تنگ ٿي ويئي، ڇاڪاڻ ته رسول ڪريم هاڻ انهن وٽ ڪونه رهيو.

• بيشڪ، مسلمانن لاءِ اهڙي مصيبت نازل ٿي، جهڙو پٿر ۾

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شگاف. جيئن پٿر جو شگاف جوڙي نٿو سگهجي، تيئن رسول ڪريم جن جي تلافي ني نٿي سگهي.
* ماڻهو، اِنهيءَ مصيبت کي گهٽ ڪونہ ٿا سمجهن، ڇاڪاڻ تہ انهن جي جا هڏي ٽٽي پيئي آهي، سا وري ڳنڍجي نٿي سگهي.
* هر وقت، حضرت بلال، نماز لاءِ ماڻهن کي سڏي ٿو، ۽ جڏهن بہ سڏي ٿو، تہ رسول الله جي نالي تي سڏي ٿو.
* ۽ قومون، لڏي ويل جي ورثي جون طلبگار ٿينديون آهن، پر اسان وٽ هن جي نبوت ۽ هدايت جو ورثو آهي.

(١٤)

* جڏهن ماڻهن هدايت ۽ سڌو رستو نہ ڏٺو، تہ اسان اهڙن گمراهہ ماڻهن کي، رسول ڪريم جي تعظيم ۽ تڪريم سبب، ڪائنن دور رکيو.
* جڏهن رسول ڪريم اسان وٽ هدايت کڻي آيو هو، تہ اسين سڀ، سچائيءَ ۽ پرهيزگاريءَ سان، خدا جا فرمانبردار ٿي ويا هئاسون.
* اسان رسول ڪريم جي اُن وقت مدد ڪئي، جڏهن ماڻهو ڪائنن ڦري ويا هئا. جيڪي مسلمان عقلمند هئا، سي ئي ڏانهن متوجہ ٿيا هئا.

(١٥)

* اي حسين، بيشڪ اُهُ نصيحت ڪرڻ وارو ۽ ادب سيکارڻ وارو آهيان. پوءِ، تون ان کي سمجهہ. عقلمند اهو آهي،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ادب سکي ڏئي.

* پنهنجي مهربان پيءُ جي وصيت کي ياد رکو، چاڪاڻ ته هو توهان کي ادب ۽ تميز جي غذا سان پالي ٿو، ته جيئن توهان هلاڪ نه ٿيو.

* اي منهنجا پٽ، بيشڪ رزق جي ضمانت خدا جي طرفان آهي. پوءِ تنهنجي لاءِ لازم آهي ته جنهن شيءِ جي توکي گهرج آهي، سا چڱي طريقي سان حاصل ڪر.

* صرف مال گڏ ڪرڻ کي پنهنجو پيشو نه بڻاءِ، ۽ پنهنجي ڪمائيءَ جي طريقن ۾ خدا کان ڊڄندو رهه.

* رب پاڪ سموري مخلوقات جي رزق جي ضمانت ڏني آهي. مال ۽ دولت جي اها حالت آهي، جو اچي ٿي ۽ وڃي ٿي.

* جڏهن انسان ڪو وسيلو اختيار ڪري ٿو، ته انهيءَ وسيلي جي ذريعي، اڪ چنبڙ کان اڳ، رزق هن وٽ پهچي وڃي ٿو.

* اي پٽ، بيشڪ قرآن شريف ۾ نصيحتون آهن. پوءِ آهي ڪو اهڙو شخص، جيڪو انهن منجهان ادب سکي!

* الله جي ڪتاب کي پنهنجي گهر ۾ پڙهه، انهيءَ قوم جي اڳيان به قرآن شريف جي تلاوت ڪر، جيڪا قرآن تي قائم آهي.

* (قرآن کي) گهڻي غور ۽ فڪر سان پڙهه، ۽ عاجزيءَ سان ۽ تقرب حاصل ڪرڻ لاءِ پڙهه، چاڪاڻ ته الله جي نزديڪ آهو ئي پيارو هوندو آهي، جيڪو سندس قربت چاهيندو آهي.

* ۽ خلوص سان پنهنجي رب جي عبادت ڪر، ۽ جيڪي

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال، موقعن پٽاندر، ڏنا ويئن ٿا انهن مان سبق حاصل ڪر.

* ۽ جڏهن تلاوت ڪندي، اهڙيءَ آيت تي پهچين، جيڪا ڊيڄارڻ واري هجي ۽ عذاب بيان ڪندي هجي، ته اهڙيءَ حالت ۾ ڪجهه ترس، جيئن تنهنجا ڳوڙها ڳڙي نڪرن.

* اي خداوند، تون جنهن تي به چاهين ٿو، پنهنجي عدل مطابق عذاب ڪرين ٿو. مون کي انهن ماڻهن مان نه ڪر، جن تي تنهنجو عذاب ٿيندو.

* بيشڪ اسين پنهنجي خطائن ۽ لغزشن کان باز اچڻ تي. اسين انهن کان پري پڄي رهيو آهيان. اي خداوند! چا، سنهنجو پڄڻ تو کان سواءِ ڪنهن ٻئي ڏانهن آهي؟

* ۽ جڏهن تون ڪنهن اهڙيءَ آيت تي پهچين، جنهن ۾ چڱن وسيلن ۽ تعجب جهڙيءَ جنت جي تعريف هجي،

ته تون پنهنجي پروردگار وٽ توبهه ڪر، ۽ خلوص سان، دائمي بهشت جي طلب ڪر، جهڙيءَ طرح ويجهڙائيءَ چاهڻ وارا طلب ڪندا آهن.

* ۽ ڪوشش ڪر، شايد تون انهيءَ سرزمين تي پهچي وڃين، ۽ اهڙين جاين جي راحت حاصل ڪرين، جيڪي ڪڏهن به ويران نه ٿينديون.

* ۽ تو کي اهڙي خوشي حاصل ٿيندي، جنهن جو مدو ڪڏهن به ختم نه ٿيندو ۽ شايد تو کي شرف ۽ ڪرامت جو اهڙو ملڪ ملي وڃي، جيڪو تو کان ڪڏهن به کسيو نه ويندو.

* جيڪڏهن تون ڪنهن نيڪ ڪم جو ارادو ڪرين، ته ان

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارادي ۾ سبقت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪر ۽ انهن برن خيالن جو خوف ڪر، جيڪي غالب پئجي ويندا آهن ۽ برابر مسلسل ايندا رهندا آهن.

* ۽ جڏهن تو ۾ ڪنهن برائيءَ جو ارادو پيدا ٿئي، ته انهيءَ ڪان پنهنجي اک بند ڪري ڇڏ، ۽ اهڙي ڪم ڪان بچ، جنهن ڪان بچڻ لازمي آهي.

* پنهنجي دوست لاءِ، هٿ ۽ ٻانهون وڇائي ڇڏ. اُن لاءِ اهڙو مهربان ٿي وڃ، جهڙو پيءُ پنهنجي اولاد لاءِ هوندو آهي.

* مهمان جي تعظيم ڪر، جيسين هو تنهنجي سايي هيٺ آهي ـ ايتري قدر، جو هو توکي پنهنجو وارث سمجهي ۽ پنهنجائپ جي دعويٰ ڪري.

* انهيءَ شخص کي تون پنهنجو دوست بڻاءِ، جو تون هن سان ڀائيچارو ڪرين، ته هو به اهڙي ڀائيچاري جي حفاظت ڪري ۽ تنهنجي دشمن کي ماري.

* چڱن دوستن جي تلاش ڪر، جيئن ڪو مريض شفا جي ڳولا ڪندو آهي، ۽ ڪوڙن دوستن کي ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ ته اهي صحبت جي لائق نہ آهن.

* جنگ ۽ تڪليف وقت پنهنجي دوست جي حفاظت ڪر، ۽ تنهنجي لاءِ اهڙي شخص سان دوستي ڳنڍڻ ضروري آهي، جيڪو ڪوڙ نہ ڳالهائي.

* ڪوڙي کي ڇڏي ڏي. ان جي ويجهڙائي ۽ همسائگي ترڪ ڪر. ڇاڪاڻ ته ڪوڙو ماڻهو انهيءَ شخص کي به ڪوڙ ۾

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آلوده ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪو ان وٽ ويهندو آهي.

* ڪوڙو ماڻهو توهان کي پنهنجي زبان سان اهي شيون ڏيندو آهي، جيڪي اسيدن کان به مٺي هجن، ۽ پوءِ دوکو ڏيئي، توهان کان وري اهڙيءَ طرح ڀڄي ويندو آهي جهڙيءَ طرح لومڙي.

* ۽ ذليل خوشامدڙين کان بچ، ڇاڪاڻ ته آهي مصيبتن ۾ تنهنجي لاءِ اهڙي شخص وانگر آهن، جيڪو باهه پڙڪائيندو آهي پر وسائي نه ڄاڻندو آهي.

* آهڙا ماڻهو، انسان جي چوطرف، اهڙي وقت ڦرندا آهن، جڏهن ڪين ڪنهن شيءِ جي لالچ هوندي آهي. پر جڏهن زمانو مخالف ٿي ويندو آهي، ته هو به ظلم ڪرڻ لڳندا آهن ۽ غائب ٿي ويندا آهن.

* جيڪڏهن تون منهنجي نصيحت کي قبول ڪرين، ته بيشڪ مون توکي نصيحت ڪري ڇڏي آهي، ۽ بيشڪ نصيحت انهن سڀني شين کان سستي آهي، جيڪي وڪڻجن ٿيون ۽ خريد ڪجن ٿيون.

(١٦)

* اي حسين، جڏهن تون ڪنهن شهر ۾ مسافر ٿين، ته اتي جي آدابن ۽ معاشرت جو لحاظ رک.

* انهن ماڻهن ۾، پنهنجي عقلمنديءَ تي فخر نه ڪر، ڇاڪاڻ ته هر قبيلي ۾ عقلمند هوندا آهن.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڪاش، ابي طالب جو پٽ، آنهن ڪمن ۾ آنهن اسبابن مطابق عمل ڪري!
* دنيا جي اسباب تي خوشي نه ڪر ۽ ان جي مصيبتن ڪان پريشان نه ٿيءُ.
* ايندڙ وقت کي گذريل ٿي سمجهه، ته تو کي راحت ٿئي، ۽ حريصن وانگر تون سڀڪنهن شيءِ جي تلاش نه ڪر.
* جڏهن آءٌ بذات خود، پنهنجي اولاد سميت، جنگ جي ميدان ۾، موجود آهيان:
* (۽ ائين محسوس ٿو ڪريان ته) اسان جون ڏاڙهيون رت ۾ رڱيل آهن، جهڙيءَ طرح ڪنوار پنهنجي لعل لباس ۾ رنگين هوندي آهي.
* مون انهيءَ واقعي کي ڏٺو آهي، جيتوڻيڪ اهو چشم ديده نه به آهي. مون کي (ان واقعي) جون ڪنجيون ڏنيون ويون آهن.
* آهي اهڙيون مصيبتون آهن، جيڪي تو کي اِنهيءَ ڳالهه تي آماده ڪنديون ته تون (حق ڪان) ڦري وڃ. پوءِ تون انهن جي نازل ٿيڻ کان اڳ ئي تيار ٿيءُ.
* جڏهن ته پيا ماڻهو، قيامت جي ڏينهن، مصيبتن ۽ پريشانين ۾ هوندا، تڏهن اسان جو مالڪ اسان لاءِ قيامت کي خوشگوار ڪندو.
* اي حسين، هو ئي تنهنجي خون جو قدر ڪرڻ وارو آهي. پوءِ، بهتر آهي ته تون آنهن مصيبتن جي تڪليف ۽ رنج تي صبر ڪر.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* هر هڪ قتل جي عيوض، هزار هزار قتل ٿيندا ۽ (قاتلن جي) گروهن کي قتل ڪرڻ ۾ ڪا به گهٽتائي نه ڪئي ويندي.
* انهيءَ وقت، ظالمن کي انهن جي عذر ۽ انهن جي سختين جون ڳالهيون ڪو به نفعو ڪونه پهچائينديون.
* اي حسين، جدائيءَ ۾ غمگين نه ٿيءُ، ڇاڪاڻ ته تنهنجي دنيا ته قربان ٿيڻ لاءِ پيدا ٿي آهي.
* موتين کان دريافت ڪر، ڇاڪاڻ ته اهي توکي فصاحت سان ٻڌائيندا ته منجهن، سندن مالڪن لاءِ، هميشگي ۽ دوام نه آهي.
* اڄ دين آهيان، ۽ ايمان وارن لاءِ، ان ۾ شڪ جي ڪا به گنجائش نه آهي. (اها ڳالهه) قرآني آيتن ۽ احڪامن مان ثابت ۽ واضح آهي.
* پوءِ، درود پڙهه پنهنجي نانا تي، محڪم رهه بلند اخلاق تي، ۽ آيتن جي طلبگارن تي سلام چئه.

(١٤)

* مصيبتن جي وقت، صبر جي چادر پهر، ته جيئن توکي صبر جو ڦل حاصل ٿئي.
* هر هڪ ٽولي ۾، تحمل جا صاحب ۽ بردبار موجود آهن، ڇاڪاڻ ته بردباري ۽ تحمل ئي سڀ کان وڌيڪ دوست آهن.
* دوست جي عهد ۽ پيمان جي حفاظت ڪر، ته جيئن توکي انهيءَ حفاظت جي سبب، پاڪ صاف مشرب جي لذت حاصل ٿئي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* هر هڪ نعمت تي خدا جو شڪر ڪر، ته هو توکي آنهن نعمتن ۾ برڪت ۽ تسڪين بخشي.

* ۽ ڪنهن به شخص لاءِ، سواءِ انهيءَ شيءِ جي، جيڪا هو خود حاصل ڪري ٿو، ٻيو ڪجهه به نه آهي. پوءِ، تڏهن گهرجي ته پنهنجي لاءِ بلند ترين مرتبو حاصل ڪر.

* حلال طريقي سان رزق جي طلب ڪر، ته جيئن هر طرف کان تنهنجي روزيءَ ۾ برڪت پوي.

* پنهنجي عزت ۽ آبروءَ جي حفاظت ڪر ۽ ان کي برباد نه ڪر ۽ ماتحتن کان بخشش ۽ عطا جو سوال نه ڪر.

* جڏهن تنهنجو دوست تو وٽ احسان لاءِ اچي، ته پوءِ تون به پنهنجي دوست جي حقن کي واجب ۽ لازم سمجهه.

* پنهنجي والدين جو محافظ ٿيءُ ۽ پنهنجي پرهيزگار پاڙيسرين ۽ عزيزن جو مددگار ٿيءُ.

(١٨)

* جوان مرد لاءِ حسب ڪا به شيءِ نه آهي. حسب ان وقت تائين مڪمل نه آهي، جيستائين آن ۾ ادب شامل نه آهي.

* علم حاصل ڪر ۽ ادب سک، ته جيئن تون انهن مان بهره اندوز ٿين ۽ علم جي طلب کي بهتر سمجهين.

* اِها دوستي صحيح نه آهي، جيڪا قائم نه رهي سگهي. آن ۾ ته عهد جي پورائي ۽ دوست جي حقن جي نگراني، غصي جي حالت ۾ به، هجي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* جيڪو حضرت محمد صلعم جي دين مان ادب نٿو سکي سگهي، اهو پريشان حال ۽ مضطرب رهي ٿو.

(١٩)

* زمانو، وقتي، پنهنجي گردن جي ڦاهي، تنهنجي گردن ۾ وجهي ڇڏيندو آهي، پر توکي اِنهيءَ ڳالهه تي پريشان نه ٿيڻ گهرجي، بلڪ اُن کان گريز ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

* بيشڪ، پريشان ٿيڻ وارو، چڪڻ جي حالت ۾ ڳچيءَ واري گهٽي کي وڌيڪ تنگ ڪري ٿو.

(٢٠)

* اَءُ پنهنجي نفس کي صبر ڪرڻ لاءِ چوان ٿو، پر هو نهايت تنگ آهي. زماني هن تي عجيب ڪارناما ظاهر ڪيا آهن.

* پنهنجي نفس کي چوان ٿو ته هو زماني جي سختيءَ تي صبر ڪري؛ جيڪو صاحب حسب هوندو آهي، اهو صابر به هوندو آهي:

* ۽ جلد ئي، رب پاڪ پنهنجي اجر جا دروازا کوليندو، ۽ اُن ۾ تڪليفن جي عيوض راحت آهي.

(٢١)

* جڏهن دليون نااميديءَ هيٺ اچي وينديون آهن، ته ڪشادو سينو به تنگ ٿي پوندو آهي.

* (اُن وقت) سختيون (دل ۾) جڳهه پيدا ڪري وٺنديون آهن

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ غم پنهنجي گهرن ۾ (دلين ۾) قائم ٿي ويندو آهي.
* ان وقت، غم ٽارڻ جي ڪا به صورت نظر نه ايندي آهي، پر تنهن هوندي به، صاحب تدبير پنهنجي تدبيرن کان مطمئن هوندو آهي.
* (اهڙيءَ) نااميديءَ جي وقت، تو وٽ ڪو به سوالي پهچي وڃي، ته آهو خدا تعاليٰ تو تي احسان ڪري ٿو.
* جڏهن سڀ سختيون انتها جي درجي تي پهچي وينديون آهن، ته پوءِ راحت نزديڪ اچي ويندي آهي.

(٢٢)

* ذلت جي رستي عيش آرام جي طلب نه ڪر، ۽ پاڻ کي ڪميڻيءَ طلب يا بريءَ خواهش کان متاهون رک.
* جڏهن تون محتاج ٿي پوين، ته پنهنجي محتاجيءَ کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪر، پر هر ڪم-ظرف کان پري رهه.
* تنهنجو رزق جلد ئي تو وٽ پهچي ويندو، پوءِ چاهي اهو ستارن کان به پري هجي.

(٢٣)

* تون مون کان نه پڇ ته "تنهنجو ڪهڙو حال آهي." چاڪاڻ ته آءٌ زماني جي حادثن تي به صبر ڪرڻ وارو آهيان.
* آءٌ انهيءَ ڳالهه جو خواهشمند آهيان ته دوست کي خوش ۽ دشمن کي رنجيده نه ڏسان.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٤)

* جڏهن دنيا تو تي بخشش ڪري، ته تون به مال جي سخاوت ڪر.
* سخاوت سخيءَ کي فنا نه ٿي ڪري، ۽ ڪنجوسي سخاوت کي باقي نٿي رکي سگهي.

(٢٥)

* مال جي ڪثرت انسان جي عيبن کي ڍڪي ڇڏي ٿي. دولتمند جيڪو ڪجهه چوي ٿو تنهن کي سچ سمجهيو وڃي ٿو، حالانڪ آهو ڪوڙ هوندو آهي.
* مال جي ڪمي انسان جي عقل کي ذليل ڪري ٿي. ماڻهو آن کي احمق سمجهن ٿا، حالانڪ آهو ئي عقلمند هوندو آهي.

(٢٦)

* مون هر سختيءَ تي غلبو حاصل ڪيو، پر محتاجي مون کي ڏيڇاري ٿي.
* جيڪڏهن آءٌ محتاجيءَ کي ظاهر ڪريان، ته آن ۾ برائي آهي. جيڪڏهن مان ان کي لڪايان ته اها مون کي تڪليف رسائيندي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۷)

* جيڪڏهن دنيا دانائيءَ، عقل ۽ فضيلت سان حاصل ٿي سگهي ها، ته آءٌ ان جي بلند مرتبي تائين پهچي وڃان ها.
* پر، روزي هڪ حصو آهي ۽ تقسيم ٿيل شيءِ آهي، جيڪا خدا تعاليٰ جي فضل سان ملي ٿي، ۽ نه طلب ڪرڻ واري جي تدبير سان.

(۲۸)

* الله جي طرفان انسان لاءِ عمدو حصو آهي عقل. چڱين شين ۾ ڪا به بي اهڙي شيءِ نه آهي، جيڪا عقل جي برابر هجي.
* الله تعاليٰ جڏهن انسان جو عقل مڪمل ڪري ڇڏيو، ته چڻ هن جا اخلاق ۽ مقصد به مڪمل ٿي ويا.
* عقل جي ڪري، جوان مرد، ماڻهن ۾ رتبو حاصل ڪري ٿو ۽ عقل سان ئي هن جي معلومات ۽ تجربي جا ڪم هلندا رهن ٿا.
* جوان مرد، ماڻهن جي محفل ۾، پنهنجي عقل جي صحت سبب، زينت جو صاحب نظر اچي ٿو.
* انسان جي ڪم عقلي، ماڻهن ۾، ڪيس بدنام ڪري ٿي، پوءِ چاهي ان جو حسب نسب ڪيترو به اعليٰ هجي.
* جيڪو شخص، عقل ۽ شجاعت جي لحاظ کان، (پين تي) غالب هوندو آهي، ته ان تي وري سخي، روزيءَ جي معاملي ۾، غالب رهندو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٩)

* اسان جي دور ۾ مصيبتون هجن ته عجب جهڙي ڳالهه نه آهي، پر (هن دور ۾) سلامتيءَ جو هجڻ ان کان به وڌيڪ تعجب جهڙي ڳالهه آهي.
* لباس سان اهڙي خوبصورتي حاصل ڪانه ٿي ٿئي، جيڪا زينت بخشي. سچي زينت ته علم ۽ ادب سان ئي آهي.
* اهو ڇوڪرو يتيم نه آهي، جنهن جو پيءُ مري ويل هجي. پر يتيم اهو آهي، جيڪو عقل ۽ ارادي کان محروم هجي.

(٣٠)

* تنهنجو حسب نسب کهڙو به هجي، پر ادب سک، ڇاڪاڻ ته تنهنجيون خوبيون توکي نسب کان بي نياز ڪري ڇڏينديون.
* بيشڪ، جوان مرد اهو آهي، جيڪو چوي ته آءٌ ههڙو آهيان؛ جوان مرد اهو نه آهي، جيڪو چوي ته منهنجو پيءُ ههڙو هو.

(٣١)

* اي فخر ڪرڻ وارا، نسب تي فخر ڪرڻ جهالت آهي، ڇاڪاڻ ته بيشڪ سڀ ماڻهو هڪ ماءُ پيءُ جو اولاد آهن.
* ڇا، تون ائين سمجهين ٿو ته هو چانديءَ مان پيدا ٿيل آهن، يا لوهه مان يا ٽامي مان، ۽ تون سون مان!
* ڇا، تون سمجهين ٿو ته آهي نفس جي فضيلت مان پيدا

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کيا ويا آهن! انهن ۾ ته سواءِ گوشت، هڏي ۽ مشڪن جي، ٻيو ڪجهه به نه آهي.

* بيشڪ، عقل، شرم، پرهيزگاريءَ ۽ ادب تي فخر ڪرڻ مناسب آهي.

(٣٢)

* مون پنهنجي نفس کي ادب سيکاريو، ۽ ادب ۽ خدا جي خوف کان سواءِ، مون ٻيو ڪجهه به نه حاصل ڪيو آهي.

* هر حال ۾، گهٽ ڳالهائڻ، ڪوڙ ڳالهائڻ کان زياده بهتر آهي.

* ماڻهن جي گلا ڪرڻ ٻي گلا ڪندڙن لاءِ برائي آهي. اِن کي رب پاڪ ڪتابن ۾ حرام قرار ڏنو آهي.

* اي نفس، جيڪڏهن تنهنجي گفتگو چانديءَ جي آهي، ته بيشڪ خاموشي وري سون جي برابر آهي.

(٣٣)

* جنهن جواب ڏيڻ کان پرهيز ڪئي، تنهن پنهنجي آبرو سلامت رکي. ۽ جنهن ماڻهن سان نيڪي ڪئي، تنهن صحيح ڪم ڪيو.

* جنهن ماڻهن کي اهم سمجهيو، ته ان کان ماڻهو ڊڄندا؛ پر جيڪو ماڻهن کي ذليل سمجهي ٿو، ان کان ماڻهو ڪونه ڊڄندا.

(٣٤)

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* بي عقل ماڻهو، پنهنجي ناداني‌ءَ سبب، مون سان مقابلو ڪن ٿا. انهن کي ته جواب ڏيڻ به منهنجي لاءِ برو آهي.
* اهي ماڻهو جيتري به بي عقلي ڪن ٿا، آءٌ اوترو ئي وڏيڪ تحمل ڪريان ٿو. عود جي ڪاٺي زياده جلڻ سان ئي خوشبوءِ پيدا ڪندي آهي.

(٣٥)

* پنهنجي ياڻرن جي عيبن تي پردو وجهي ڇڏ ۽ انهن جي گناهن کي لڪائي ڇڏ.
* بيوقوف جي ظلم تي صبر ڪر، ۽ ٿوري دير ترس. پنهنجي نفس جي بيوسي‌ءَ سبب، اُن جو جواب ڏيڻ ڇڏي ڏي. ظالم کي محتسب (رب پاڪ) جي حوالي ڪري ڇڏ.

(٣٦)

* وفا به، ماضي‌ءَ وانگر، گذري ويئي آهي. ماڻهو (هاڻي) مڪر ۽ فريب جا پابند آهن.
* اهي ماڻهو پاڻ ۾ (ظاهري طرح ته) دوستي‌ءَ جو اظهار ڪن ٿا، پر انهن جون دليون وڃن جي ڏنگ سان ڀريل آهن.
* منهنجو علم گهٽو آهي ۽ منهنجا اخلاق مهذب آهن اِئين جيڪو پاڻ کي پاڪيزه ظاهره ڪري ٿو، آهو (انهي‌ءَ اظهار سبب) بدبخت آهي.
* جيڪڏهن آءٌ هزار دشمن ڳوليان ته آهي آءٌ ٻولي سگهندس،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيڪڏهن اُنَ هڪ دوست جي طلب ڪريان ته آن ۾ ڪاميابي آسان ٿي ڪانه سگهندي.

(۳۷)

* اي منهنجا پالڻ وارا، منهنجي قدمن ۽ دل کي ثابت رک! اي منهنجا رب، تون پاڪ آهين ۽ تون ئي منهنجي لاءِ ڪافي آهين.

(۳۸)

* (اي خدا!) تنهنجو بندو پنهنجي گناهن جي پيڙا ڪان ڪيرو ٿي پيو آهي - هن جو جسم ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ بلند آواز سان روئي ٿو.
* هن کي، شب بيداريءَ سبب، تڪليف پهچي ٿي ۽ هن جو جسم وڻ جي ڏاريءَ وانگر سنهو ٿي ويو آهي.
* خوف سندس رنگ بدلي ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته هن کي اڃا وڏين ۽ ڏکين مصيبتن جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي.
* هو توکي آهه ۽ آزاريءَ سان پڪاري ٿو ته اي منهنجا رب، تون منهنجا گناهه بخش ڪر ۽ منهنجا عيب لڪاءِ.
* اُنَ پنهنجي التجا ماڻهن وٽ، فرياد رسيءَ خاطر، کڻي ويس، پر مون مخلوق ۾ ڪو به جواب ڏيڻ وارو ڪونه ڏٺو.
* اي رب، جيڪو توکي پڪاري ٿو، تون ان کي جواب ڏين ٿو. اي منهنجا محبوب، تون پنهنجن بندن جون تڪليفون

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري ڇڏين ٿو.
نهنجي بيماري تون ڄاڻين ٿو ۽ تو وٽ ان جو علاج آهي.
ڪير آهي، جيڪو تو جهڙو علاج ڪري!

(٣٩)

ڪڏهن تون ڪنهن جو دشمن ٿيڻ چاهين ته ان سان
ز ملاقات ڪندو رهه. جيڪڏهن تون چاهين ته دوستي
ن، ته ڏينهن جو ناغو ڪري، ملاقات ڪر.
ٿهوءَ سان ملاقات صرف ضرورت سارُو بهتر آهي، پر
ڏهن ان کي وڌائبو، ته محبت ۾ فساد پيدا ٿي ويندو.

(٤٠)

ِن کي تعجب آهي اهڙي ڏکويل تي جيڪو بي‌صبريءَ
لائق دوست لاءِ روئي رهيو آهي؛
ائيءَ سان، گريبان ڦاڙي، واويلا ڪري روئي ٿو، جنڪ
ڪا عجيب و غريب شيءِ آهي.
ت جي معاملي ۾، الله تعاليٰ سموري مخلوق کي
ان ڪيو آهي - ايتري قدر، جو الله جي رسول کان به
کي باز نه رکيو ويو.
ا جو فرشتو، هر روز، انسان کي آواز ڏيندو رهي ٿو ته
لاءِ پيدا ٿيندا رهو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۴۱)

* موُن دنيا جهڙي ٻي ڪا به اهڙي شيءِ ڪانه ڏٺي آهي، جو ان جا رهڻ وارا مٿس ايترا فريفته هجن؛ ۽ موت جهڙي ٻي ڪا به شيءِ ڪانه ڏٺم، جيڪا زماني جي همنشينن کي ايترو غمزده ڪري ڇڏيندي هجي.

* اسين پنهنجي عزيز جي قبر جي نشان وٽان اهڙيءَ طرح لنگهون ٿا، ڄڻڪ اسان کي انهيءَ شخص سان ڪو تعلق ئي ڪونه آهي!

* خدا جو قسم، موُن هر گهڙيءَ، جڏهن به چاهيو، انهيءَ شخص سان ملاقات ڪئي، جنهن جو ساٿي مري چڪو آهي.

* جڏهن ڪنهن طريقي سان، مان زماني کي صبر ڪرڻ تي آماده ڪندو آهيان، ته هر روز جا روئڻ وارا وري انهيءَ جي غم کي تازو ڪري ڇڏيندا آهن.

(۴۲)

* ماڻهن تي فرض آهي ته هو توبه ڪن، تنهن سان گڏ انهن لاءِ واجب آهي ته گناهه ڪرڻ به ڇڏي ڏين.

* زماني جي رفتار تعجب واري آهي، پر ماڻهن جو ان کان غافل رهڻ وڌيڪ تعجب واري ڳالهه آهي.

* زماني جي مصيبتن کي سهڻ ڪنن ڪم آهي، پر ان جي ثوابن کي ضايع ڪرڻ اجا به وڌيڪ سخت آهي.

* هر اها شيءِ، جنهن جي اميد ڪئي ويندي آهي، سا قريب

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندي ويندي آهي، پر موت انهن سڀني شين کان وڌيڪ قريب تر آهي.

(٤٣)

* منهنجو مٿو سفيد ٿي ويو آهي، پر لالچ جو سراب سفيد نه ٿيو آهي. بيشڪ دنيا جو حريص رنج ۾ گرفتار آهي.
* مون کي چا ٿي ويو آهي، جو آءٌ پاڻ کي وڏي مرتبي جو متلاشي ڏسان ٿو. پوءِ، جڏهن ڪنهن هڪ مرتبي تي پهچان ٿو، ته منهنجي نظر وري وڏي مرتبي تي پوي ٿي.
* اي خدا، مون کي قسم آهي تنهنجي ربانيت جو ته آءٌ نامعلوم ڪيترن گهرن وٽان لنگهيو آهيان، جيڪي عيش عشرت خاطر بنايا ويا هئا:
* پر موت جو عقاب انهن جي چوطرف ڦريو، جنهن کان پوءِ اهي گهر آهه ۽ فرياد سان پرجي ويا.
* پنهنجي خواهش جو لغام پڪڙ ۽ ان جي طلب ۾ سرڪشي نه ڪر. خدا جو قسم، خواهش جي خوراڪ تلاش ڪرڻ سان هٿ نه ايندي آهي.
* بيشڪ، مال کي آهو ٿي شخص ڪائي ٿو، جنهن (طلب جو) گهوڙو نه ڊوڙايو آهي. جنهن شخص، دولت جي طلب جي ڪوشش ڪئي، سو پنهنجو مال (مرڻ کان پوءِ) ڇڏي وڃي ٿو.

(٤٤)

* تون ڪيستائين عاشقيءَ جو دامن ڇڪيندو رهندين! تنهنجي

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ته اها آهي، جو پوڙهائپ تنهنجي جوانيءَ جي
لاهي ورتي آهي.
* پوڙهائپ جي ٻلال تنهنجي سر جي چوقير آواز ڏيئي
آهي ته تون هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃ.
* تون مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهين ۽ جلد ئي تون آن
تنهن جي هيٺان غائب ڪيو ويندين.
* اي انسان، تو اهڙيءَ جڳهه ۾ رهڻ جي لالچ ڪ
جيڪا قائم نه رهندي. پوءِ، تون اِها لالچ نه ڪر، ڇا
ته تنهنجو پير رڪاب ۾ پيل آهي.
* اي وڏين محلاتن وارؤ، انهن محلاتن کي نديو ڪ
ڇاڪاڻ ته بيشڪ توهين نديڻ قبرن جي اندر رهڻ وارا آ

(٣٥)

* منهنجي بدن جي گرمي مٽي جي وارن سفيد ٿيڻ سان
ٿي ويئي. جڏهن پيريءَ جي چمڪ ظاهر ٿي، ته منهنجي م
تاريڪ ٿي ويئي.
* اي (موت جا) آلو، تو منهنجي وات ۾ ان وقت آ
ٺاهيو، جڏهن آتان جو لنئوندڙ ڪانءُ آتان آڏاسي ويو.
* اي موت، تو منهنجي زندگيءَ جي ويراني ڏني، پر تن
منزل به ويران گهرن مان ئي گذري ٿي.
* ڇا، آءٌ هن ڪان پوءِ به عيش سان زنده رهندس، جي سن
ٻلن تي پيريءَ جو ساڻو ڦهڻي چڪو آهي، جنهن کي د

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خضاب فنا ڪري نٿو سگهي.

* انسان جي زندگي، پيريءَ کان اڳ، چڱي هوندي آهي. ۽ جڏهن جواني منهن موڙي ٿي، تڏهن زندگي رُسي وڃي ٿي.

* جڏهن ماڻهوءَ جي چهري جو رنگ زرد ٿي وڃي ٿو ۽ سندس متو اڇو ٿي وڃي ٿو، ته ان وقت سندس زندگيءَ جي خوشي به غائب ٿي وڃي ٿي.

* پنهنجي جاهه ۽ عالي منزلت جي زڪوات ادا ڪندو رهه، جاڻي ڇڏ ته اها انهيءَ مال جي زڪوات مثل آهي، جيڪ مڪمل ٿي چڪو آهي.

* بيواهن ماڻهن سان ڀلائي ڪر، توڻي جو تون انهن جي گردن جو مالڪ آهين. بزرگ شخص لاءِ، دعا جي وڪر ج حاصل ڪرڻ ئي سڀ کان چڱي تجارت آهي.

* مون (دنيا ۾) غرور ۽ حسرت کان سواءِ ڪجهه به نه ڏٺ آهي، ۽ ان جو مثال بيابانن زمين ۾ چمڪندڙ واريءَ جهڙو آهي

* هيءَ دنيا ڪني ڍونڍ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي جنهن تي ڪتن جو هجوم هوندو آهي ۽ آهي اُن کي پاڙ ڏانهن ڇڪڻ جو آدم ڪندا رهندا آهن.

* جيڪڏهن تو هن دنيا کان پرهيز ڪئي، ته پوءِ اهل دن جي هٿن کان به محفوظ رهي سگهين ٿو، ۽ جيڪڏهن ت ان ڏانهن لاڙو ڪيو ته ان جا ڪتا تو سان وڙهندا.

* فضول ڪمن کي ڇڏي ڏي، ڇاڪاڻ ته انهن ڪمن ج

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ پرهيزگارن لاءِ حرام ڪيو ويو آهي.

* زمين جي مٿانهين تي فخر ڪري نه هل، ڇاڪاڻ ته ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ زمين جي مٽي تنهنجي مٿان وري ويندي.

* خوشي آهي انهيءَ شخص لاءِ، جنهن قبر کي پنهنجو گهر سمجهيو آهي. انهيءَ قبر جا دروازا بند آهن ۽ مٿن پردا چڙهيل آهن.

(٣٦)

* اسين کنهن چمن ۾ هڪ اهڙيءَ ڪبوترن جي جوڙيءَ مثل هئاسون، جيڪي کنهن تندرستيءَ ۽ جوانيءَ جي وڻ مان ميوو کائيندا آهن.

* زماني، اسان جي معاملي ۾ دخل اندازي ڪري، اسان جي درميان جدائي ڪري وڌي. تحقيق، زمانو دوستن جي وچ ۾ جدائي پيدا ڪرڻ وارو آهي.

(٣٧)

* ٻه شيون اهڙيون آهن، جو جيڪڏهن انهن تي رت جا ڳوڙها به ڳڙجن - ايتري تائين، جو ٻنهي اکين جي بينائي ختم ٿيڻ جو وقت به اچي وڃي -

* پر تڏهن به انهن ٻن جي حق جي ڏهين حصي تائين به نه پهچي سگهبو: ۽ انهن ٻن شين مان مراد آهي جوانيءَ جو خاتمو ۽ دوستن جي جدائي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤٨)

* ڏينهن ۽ زمانو اهڙا نہ آهن، جهڙو تون انهن کي ڏسين ٿو. انهن ۾ تہ مال ۽ دولت جي بربادي ۽ دوستن جي جدائي پريل آهي.
* تحقيق، جنهن انسان زماني جو تجربو حاصل ڪيو آهي، سو ان جي گردش کان ڪونہ ٿو ڊڄي. ان کان البت بيوقوف ڊڄندو آهي.

(٤٩)

* تو پنهنجي همعصرن کي ڏٺو آهي تہ اهي ڪهڙيءَ طرح فنا ٿي ويا. اهي ماڻهو ناپيد ٿي ويا. پوءِ انهن لاءِ چيو ويو تہ فلاڻو چڱو هو ۽ فلاڻو برو.
* هيءَ دنيا نانگ مثل آهي، جيڪو زهر هاري ٿو، ۽ ان جو ظاهر نرم معلوم ٿيندو آهي.
* ڪيترا ئي ڪم اهڙا آهن، جن جو ظاهر مون بيشڪ سخت ڏٺو، پوءِ، جڏهن مون انهن کي آسان ڪيو تہ اهي آسان ٿي ويا.

(٥٠)

* تحقيق، دنيا فنا ٿيڻ واري آهي ۽ ان لاءِ بقا نہ آهي. بيشڪ، دنيا انهيءَ گهر وانگر جنهن کي ڪوريئڙي ناهيو هجي.
* اي روزيءَ جا حريص، تنهنجي لاءِ دنيا ۾ ڪافي روزي آهي.

books.sindhsalamat.com	books.sindhsalamat.com

پنهنجي جان جو قسم ته جيڪو ڪجهه آهي، اهو ٿوري عرصي ۾ فنا ٿي ويندو.

(۵۱)

چا، ٿو نه ڏنو ته زماني ۾ رات ۽ ڏينهن آهن، جيڪي هڪ هفتي کان ٻئي هفتي تائين بدلبا رهن ٿا.
پوءِ ٻڌائي ڇڏ ته نئون ڪپڙن لاءِ پراڻو ٿيڻ ضروري آهي،
هڪ جاءِ تي گڏ ٿيل شين لاءِ واوِ ڪر ٿيڻ لازمي آهي.

(۵۲)

تحقيق، آءٌ شروعات ۾ بيجان هوس ۽ پوءِ زنده ڪيو ويس.
ٿوري ئي عرصي کان پوءِ، آءٌ وري بي جان ٿي ويندس.
توکي هي فاني گهر زياده پسند آهي: هاڻي ته ڀلا ٻقا واري گهر لاءِ ڪو ٺمر تيار ڪر.

(۵۳)

جنهن ماڻهوءَ کي سياڻي مرڻو آهي، تنهن لاءِ هڪ ڏينهن جي اندازي جيتري روزي، ڪپڙو ۽ گهر ڪافي آهي.
ڪڏهن ته هو اڌ ڏينهن ۾ ئي مري وڃي ٿو ۽ ان جي روزيءَ جو اڌ حصو بيڪار ۽ ضايع ٿي وڃي ٿو.

(۵۴)

گهر، جيڪو ماڻهو جي رهڻ جي جاءِ آهي ۽ ڪپڙو،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ماڻهوءَ جي اوگهڙ کي ڍڪي ٿو، ۽ روڪي -
* سي اهڙي شخص لاءِ ڪافي آهن، جيڪو زنده آهي، ۽ اهڙي شخص لاءِ تمام زياده آهن، جيڪو مري ويندو.

(٥٥)

* ڇا، هڪ مضبوط زره موت کي روڪي سگهي ٿي، جڏهن اهو پنهنجي مقرر وقت تي اچي پهچي ٿو؟
* بيشڪ، اڄ خوب ڄاڻان ٿو ته هر آها شيءِ جيڪا هن وقت يڪجاءِ آهي، سا هڪ ڏينهن منتشريءَ واريءَ حالت ۾ بدلجي ويندي.
* موت ته برحق آهي، ۽ موت هڪ شربت مثل آهي جيڪو تنهنجي طرف ايندو. پوءِ (اي علي)، اِنهيءَ شربت مان پنهنجي نفس کي پاڪ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيءُ.

(٥٦)

* مون لذتن کان پاڻُ پَٽلي ورتو ۽ انهن جي طرف کان منهنجو رخ ڦري ويو. مون پنهنجي نفس تي صبر کي لازم قرار ڏنو ۽ هو ثابت قدم رهيو.
* انسان جي وس ۾ اها ڳالهه نه آهي ته هو پنهنجي نفس کي سڪون ۽ قرار بخشي سگهي. جيڪڏهن نفس لالچ ۾ مبتلا آهي، ته هو خواهشون ڪندو رهندو. جيڪڏهن اِئين نه هجي، ته جيڪر انسان جو غم دور ٿي وڃي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥٧)

* اُءِ پنهنجي اکين کي چوندو آهيان ته (عورتن کي) ڏسڻ کان باز رهو. اي اک، تون کنهن کي به لڪي ڇپي نه ڏس.
* ڪيترين ئي اهڙيون نظرون آهن، جيڪي دل ۾ خواهشون پيدا ڪن ٿيون، ۽ دليون وري اهڙين خواهشن سبب حسرت ۽ افسوس ۾ مبتلا ٿي وڃن ٿيون.

(٥٨)

* اي منهنجا دوست، ڪو به معاملو اهڙو نه آهي، جيڪو هميشه رهي، پوءِ ڪٿي اهو ڪيترو به وڏو هجي.
* پوءِ جيڪڏهن ڪا آزمائش ڪنهن ڏينهن پيش اچي، ته ان کان هرگز نه ڏڄ، ۽ ان جي وڏيڪ شڪايت به نه ڪر، پوءِ چاهي تنهنجي قدمن ۾ لغزش به اچي وڃي.
* ڪيترا ئي جوانمرد آزمائشن ۾ مبتلا ڪيا ويا. پوءِ انهن صبر کان ڪم ورتو، تان جو اهي انتقال ڪري ويا.

(٥٩)

* تحقيق، اهل بيت وارن سان ڪنهن لاءِ به مختصر گفتگو ڪرڻ زياده عمدي ڳالهه آهي ۽ ان ۾ زيادتي ڪرڻ معيوب آهي.
* خاموش شخص لغزش نه ڪائيندو آهي. البت زياده ڳالهائڻ وارو لغزش ڪائي ٿو. خاموش رهڻ وارو عيبن کان پاڪ رهي ٿو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* جيڪڏهن ڳالهائڻ وارو چانديءَ جهڙي گفتگو ڪري ٿو، ته خاموشي هڪ موتي آهي، جيڪو ياقوتن سان سينگاريل آهي.

(٢٠)

* جڏهن حادثات، پنهنجي انتها کي پهچي ويندا آهن ۽ آهو وقت ويجهو اچي ويندو آهي، جو جانيون ضايع ٿيڻ تي پهچي وڃن؛
* ۽ جڏهن ڪا مصيبت شديد ٿيندي آهي ۽ صبر ويندو رهندو آهي، ته ان وقت نجات حاصل ٿي ويندي آهي.

(٢١)

* نيڪ ماڻهن سان دوستي رک، ته سلامتي ۽ نجات حاصل ڪرين، چالاڪ ته جيڪو برن جي صحبت اختيار ڪري ٿو، سو ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن شڪار ٿي ويندو.
* تون پاڻ کي انهيءَ ڏينهن کان بچاءِ، جو تون ڪنهن جاهل سان مذاق ڪرين ۽ پوءِ اهڙي معاملي جو مقابلو ڪرڻو پوئي، جنهن کي تون نه چاهيندو هجين.
* ماڻهن کي گاريون ڏيئي ۽ انهن جي گلا ڪري، متان نڪته چيني نه ڪر: اهڙي وقت ته تنهنجو مثال اهڙي ڪتي جهڙو هوندو، جيڪو هرو ڀرو ڀونڪندو آهي.
* جڏهن بخشش ڪرڻ وارو تو وٽ حاجتمند ٿي اچي، ته تون ان سان ڪشاده دليءَ سان پيش اچ ۽ پنهنجي جوانمرديءَ ۽ همت جو ثبوت ڏي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦٢)

* پنهنجو راز، پاڻ کان سواءِ، ڪنهن ٻئي تي ظاهر نه ڪر، ڇاڪاڻ ته هر هڪ رازدان لاءِ هڪ رازدان هوندو آهي.
* بيشڪ، مون گمراهه ماڻهن کي ڏٺو آهي ته اهي ڪنهن به ڳالهه کي صحيح حالت ۾ پيش نه ڪندا آهن.

(٦٣)

* جيڪڏهن توهان فراغت ۽ آرام جو طالب آهين، ته، خدا جي ويجهڙائيءَ لاءِ، ٻه رڪعتون نماز غنيمت ڄاڻ.
* جيڪڏهن تون ڪنهن فضول ڳالهه جو ارادو ڪرين، ته اُن وقت، اُن جي بجاءِ، "سبحان الله" چوندو رهه.

(٦٤)

* تو کي پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ، پنهنجي سان نيڪي ڪرڻ گهرجي؛ ۽ تو کي پنهنجي غيرن سان به ڀلائي ڪرڻ گهرجي.
* صرف پرهيزگارن ۽ پاڪبازن جي صحبت اختيار ڪر، ڇاڪاڻ ته پاڪدامن ۽ پارسا ماڻهو پنهنجي وعدن کي پوري ڪرڻ وارا هوندا آهن.
* جڏهن تون ڪنهن آزاد طبع ۽ ادب ڪرڻ واري سان ملڻ چاهين، ته شاندار آزاد ماڻهن جي اولاد سان مل، جو اهي پنهنجي گهر جي به زينت هوندا آهن.
* اَءِ تنهنجي مخلص دوست جي دوستيءَ تان ڏنا ٿي وڃان --

تون ماڻهن کي ايذائڻ کان باز رهه، پنهنجي زبان کي ضابطي هيٺ رک.

* مکروهه حرڪتن کان پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏ، ۽ پنهنجي پاڙيسريءَ کي اذيت پهچائڻ کان پرهيز ڪر.

* هر حادثي ۾، الله تي مضبوط اعتقاد رک، ته پوءِ رب پاڪ توکي آخري گهڙيءَ تائين دشمنن جي نظرن کان محفوظ رکندو.

* الله تي ڀروسو ڪري، ڪم ۾ هٿ وجهه، ۽ الله کان سواءِ ٻئي ۾ اميد نه رک، ۽ خدا جي نعمتن جو منڪر نه ٿيءُ.

* وڏي همت، سٺي اخلاق ۽ چڱين عادتن سان مال خرچ ڪري، بزرگيءَ جي طلب ۾ ڪوشش ڪر.

* دنيا ۾ هميشگيءَ جي اميد جو بنياد قائم نه ڪر، ڇاڪاڻ ته هن دنيا ۾ ڪا به زنده شيءِ هميشه رهڻ واري نه آهي.

* جنهن دوست جي دوستي خدا واسطي نه آهي، تنهن کي تون خبر ڏي ته (رب کان وڌيڪ) دوستي رکڻ وارو ٻيو ڪو به نه آهي.

(٦٥)

* ڪيترا ئي همت وارا اهڙا به آهن، جن جو نفس ظلم ۽ ستم ڪرڻ سان خوش نه ٿيندو آهي. اهي شخص اڳواڻ، نيڪ ۽ بزرگ آهن.

* اعليٰ بلنديءَ وارو، پنهنجي هٿ تان هيٺ لهي آيو آهي،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ تہ هن پاڻ ۾ سخاوت ۽ اڳواٽيءَ جي صفتن جو اظهار ڪيو آهي.

* نخر آهو ڪري، جنهن کي رب پاڪ اِئين ڪرڻ جي لائق بنائي، يا الله جي مدد ساڻس شامل حال هجي ۽ پاڻ هڪ نجات حاصل ڪيل ُ رب جو بندو هجي.

* آها تلوار تلوار نہ آهي، جيڪا هميشہ ميان ۾ اندر رکيل هجي؛ پر تلوار آها آهي، جيڪا ميان سان نڪري ظاهر ٿئي.

(٦٦)

* بلند مرتبي جي طلب ۾، پنهنجي وطن کان پري هليا وڃو ۽ سفر ڪريو، چاڪاڻ تہ سفر ڪرڻ ۾ فائدا آهن.

* پوءِ، جيڪڏهن اِئين چيو وڃي تہ سفر ڪرڻ ۾ تڪليف ۽ محنت آهي ۽ سفر ڪرڻ وقت خشڪ جهنگل طي ڪرڻا پون ٿا، ۽ سختيون سهڻيون پون ٿيون،

* تہ پوءِ، جوان مرد لاءِ هڪ جڳهہ تي ويهي رهڻ کان موت بهتر آهي - يعني ذلت ۽ خواريءَ جي گهر ۾، چغلخورن ۽ حاسدن جي وچ ۾، رهڻ کان، موت وڌيڪ بهتر آهي.

* جڏهن الله جي طرفان جوان مرد جي مدد ٿيندي آهي، تڏهن، جنهن شيءِ جو اندازو سندس ڪوشش ڪري سگهي ٿي، تنهن کان وڌيڪ ملندي اٿس.

(٦٧)

* جيڪڏهن روزي ايتري مقدار جيتري جاري هجي ها، جيتري بندي جي لائق آهي،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* تہ پوءِ پورهيت شخص خود بہ مسرت جو طالب ٿي وڃي ها، ۽ منحوس ۽ بدنصيب ناپيد ٿي وڃي ها ۽ محض نيڪ بخت ماڻهو ئي ظاهر هجن ها.
* ۽ زمانو ماڻهن جي بلڪل موافق هجي ها ۽ هميشہ سرداري ۽ بزرگي ئي رهي ها.
* پر روزي انهيءَ طريقي سان ئي جاري ڪئي ويئي آهي، جنهن سان خداوند چاهي ٿو.

(۶۸)

* ڇا، اهي سڀ ماڻهو آهن؟ نہ، بلڪ ماڻهو تمام ٿورا آهن. ۽ خدا ڄاڻي ٿو تہ آءٌ ڪوڙ ڪونہ ٿو ڳالهايان.
* آءٌ پنهنجي اک تہ ڪيترن ڏانهن کڻان ٿو، پر گهڻا ماڻهو ڪونہ ٿو ڏسان: بلڪ، ڪنهن هڪ کي بہ پوريءَ انساني شڪل ۾ ڪونہ ٿو ڏسان.

(۶۹)

* جيڪڏهن ڪو ماڻهو هنن ٽن ڳالهين جو خيال نہ رکي، تہ ان کي وڪڻي ڇڏ، پوءِ چاهي اهو سٺيءَ جي مُٺ ٿي ئي ڇو نہ ڏيڻو پوي:
* (هڪ تہ) ان ۾ دوست سان وفا نہ هجي، (ٻيو تہ) فضول خرچي ڪندو رهجي، ۽ (ٽيون تہ) دل ۾ راز پوشيده رکڻ جي عادت نہ هجيس.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧٠)

* منهنجي دشمن جو دوست، منهنجي دشمنيءَ ۾ شريڪ آهي. آءٌ انهيءَ جو دوست آهيان، جيڪو منهنجي دوست کي پنهنجو دوست بڻائي.
* پوءِ، تون منهنجي قربت تلاش ڪر، چاڪاڻ ته تون اڃا منهنجي دشمن جو دوست آهين.

(٧١)

* مون کي جنهن به پنهنجو دوست بڻايو، ته مون ان کي پنهنجي ذات جي دوستي ۽ صاف دليءَ آخر تائين پيش ڪئي.
* مون کي جنهن به پنهنجو دشمن بڻايو ۽ هو مون سان برائي ڪندو رهيو، ته به مون ان دشمن جي حق ۾، ان جي ڀلائي لاءِ، خدا جي حضور سان دعا گهري.
* منهنجي ذات ڪنهن به بري ڪم ۾ ملوث نه رهي، چاڪاڻ ته مون پنهنجا هٿ، نيڪ عملن کان سواءِ، ٻين برن ڪمن جي طرف ڪونه وڌايا آهن.
* آءٌ ڪڏهن به 'ها' نه ڪندو آهيان، جيستائين ڪ انهيءَ قول جو پابند نه ٿيندو آهيان. پوءِ چاهي منهنجو قول منهنجو مال ۽ اولاد سڀڪجهه کڻي وڃي.

(٧٢)

* ماڻهن جا ڪيترا ئي مقصد هوندا آهن، پر منهنجو مقصد،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ صرف سچو ۽ همدرد دوست تلاش ڪرڻ آهي -

* اهڙو دوست، جو مون سان هڪ جان ۽ ٻه قالب مثل هجي، يعني اسان جا جسم ٻه هجن، پر روح هڪ ئي هجي.

(۷۳)

* ۽ تنهنجي لاءِ اها بدبختي ڪافي آهي، جو تون آسودگيءَ سان رات ته گذاري ڇڏين، پر ڏينهن جو تنهنجي آس پاس اهڙيون شيون موجود هجن، جيڪي تنهنجي جسم جي ڪل لاهڻ جون مشتاق هجن.

(۷۴)

* اي شخص، تون جو پنهنجي دين تي دنيا کي ترجيح ڏين ٿو، اهڙي حيران ۽ گمراهہ شخص مثل آهين، جيڪو پنهنجي سڌي رستي تان ٿڙيل آهي:

* تو انهيءَ اميد تي سڀهي صبح ڪيو آهي، جو تون دنيا جي هميشگيءَ جي اميد رکندو هئين، پر جلد ئي تنهنجي رات جي وات مان اندران، موت جا ڏند نڪري ايندا.

* افسوس، جو موت تيرباز تي ٻہ اچي ٿو، جيڪو، هاڻ موت تي، تير سان ٻئي کي نشانو بنائي ٿو، پر هڪ ڏينهن، موت ان تي ٻہ تير جو نشان چٽي ونندو.

* ناصح ٻہ انهيءَ شخص جي گنڌين کي ڪولي نٿو سگهي، جنهن جي اصلاح يا رهنمائيءَ جو ارادو خدا جي طرفان نہ آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧٥)

* تنهنجو ڪالوڪو ڏينهن، جيڪو گذري ويل آهي، سو انصاف سان گواهي ڏيڻ لاءِ اجا موجود آهي. ۽ تو جنهن ڏينهن جو صبح ڪيو آهي، اهو به تو تي شاهدي ڏيندو.
* پوءِ، جيڪڏهن ڪالهه تو برائي ڪئي هئي، ته اڄ نيڪي ڪر، ته جيئن سڀاڻي تنهنجي نيڪي ڪئي وڃي.
* نيڪ عملن ڪرڻ ۾ سڀاڻي تائين تاخير نه ڪر. جڏهن سڀاڻڪو ڏينهن اچي ته شايد تون ئي نه هجين.
* جيڪڏهن تون پنهنجي گذريل ڏينهن تي پشيمانيءَ جو اظهار ڪندين، ته ان جو نفعو تنهنجي طرف موٽندو، حالانڪ گذريل ڏينهن واپس ڪونه ايندو.

(٧٦)

* اهي ماڻهو گذاري ويا، جن لاءِ مون کي غم آهي. انهن جي وڃڻ ڪان پوءِ، سندن جدائي پوڳڻ لاءِ، آءٌ اڪيلو رهجي ويس.
* اهو شخص توڪان تمام پري آهي، جيڪو فقط پن والن جي فاصلي تي آهي (يعني قبر ۾ آهي.)
* جيڪڏهن ماڻهن تي زمين جا طبق کوليا وڃن، ته آقا ۽ غلام جي وچ ۾ ڪو به فرق نظر ڪونه ايندو.
* جيڪو شخص پنهنجي پيرن کي مٽيءَ ۾ ميرو ٿيڻ نٿو ڏئي، مٽي، هڪ ڏينهن، ان جي نازڪ ڳلن کي ميرو ڪري ڇڏيندي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧٧)

* ماڻهن، اوچين محلاتن جو بنياد رکيو ۽ آهي اوچيون ٿينديون ويون. اهي ماڻهو محلاتن ۾ اولاد سان لطف وٺندا رهيا.
* پر جڏهن انهن جي رهڻ وارين محلاتن مٿان هوائون هليون، ته ان وقت اهي جايون، پنهنجي ابتدا واري مرحلي تي وڃي پهتيون. (يعني ڍهي ويون.)
* سون نعمتون ۽ مرده شيون ڏنيون آهن. اهي هڪ ڏينهن پراڻيون ٿي ينديون ۽ ختم ٿي وينديون.

(٧٨)

* جيڪو شخص موت جي سختين کان ڊڄندو، تنهن کي ڳوڙهي ۽ ڏکي ننڊ ۾ ڪڏهن به لذت نه ايندي.
* تحقيق، جڏهن فصل پنهنجي پختگيءَ کي پهچي ويندو آهي، ان وقت ان کي ڪاٽڻ لازمي ٿي پوندو آهي.

(٧٩)

* ڪن ماڻهن آها آرزو ڪئي ته آءٌ مري وڃان. جيڪڏهن آءٌ مري ويس، ته اهو به آهو رستو آهي، جتي آءٌ اڪيلو ڪونه هوندس.

(٨٠)

* موت نه ٻيءَ ڪي باقي رکي ٿو ۽ نه وري پٺ ڪي. هي اهڙو رستو آهي، جيڪو ڪنهن جو به لحاظ نٿو رکي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* رسول ڪريم جن ۾ پنهنجي امت لاءِ هميشه زنده رهي نه سگهيا. جيڪڏهن رب تعاليٰ، حضور جن کان اڳ، ڪنهن کي هميشه لاءِ زنده رکي ها، ته پاڻ حضور جن به هميشه زنده رهن ها.
* اسان لاءِ چٽڪ موت جا تير چٽل آهن. اهو تير جيڪڏهن اڄ ڪنهن کي نه لڳي سگهيو، ته سڀاڻي ته نه ڇڏيندو.

(۸۱)

* اي ساراهيل پيغمبر جي ڌيءُ، فاطمه، ۽ نبي سردار عالم جي دختر نيڪ اختر،
* بيشڪ رب پاڪ انهيءَ (قيديءَ) جي گردن کي نازڪ بڻايو آهي: هي قيدي نبي هاديءَ جي نزديڪ هدايت يافته آهي:
* هي زنجيرن ۾ جڪڙيل ۽ مقيّد آهي: هي اسان سان تيز بڪ جي شڪايت ڪري ٿو:
* اڄ، جيڪو هن قيديءَ کي ڪارائيندو، اهو سڀاڻي پنهنجي واحد، يڪتا ۽ بزرگ برتر وٽان ان جو بدلو حاصل ڪندو:
* هن جو ڪجهه پوکيو آهي، تنهن کي عنقريب لڻندو: انهيءَ ڪري، توهان بنا ڪنهن احسان جتائڻ جي، هن کي کارايو.

(۸۲)

* آءٌ حضرت محمد صلعم جو ياءُ آهيان. مون بنسبت ڪو به شڪ شبهو ٿي نٿو سگهي. منهنجي پرورش هن سان گڏ ٿي آهي ۽ هن جا پيٽي ڏوهٽا منهنجا پٽ آهن.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* منهنجو ۽ رسول خدا جو ڏاڏو هڪ آهي ۽ فاطمہ منهنجي زوجہ آهي، جيڪا ڪڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهائيندي آهي.
* مون حضرت محمد جن جي تصديق ڪئي، جڏهن تہ پيا ماٺهو، پنهنجي گمراهيءَ، شرڪ ۽ بي خبريءَ سبب، اونداهيءَ ۾ گهيريل هئا.
* پوءِ، سموري ثنا انهيءَ جي لاءِ آهي، جنهن جو ڪو بہ شريڪ نہ آهي. هو پنهنجي بندي سان نيڪي ڪرڻ وارو آهي ۽ هن جي ڪا بہ انتها نہ آهي.

(٨٣)

* اکين ۾ ککن پوڻ وقت، پنهنجيون اکيون بند ڪري وٺو ۽ اذيتن تي صبر ڪريو.
* بيشڪ، هيءُ زمانو هڪ گهڙيءَ کان وڌيڪ نہ آهي. زمانو سڀني تڪليفن کي دور ڪري ڇڏيندو آهي.

(٨٤)

* اي خدا، جنهن جي عذاب کان مون کي ڪير بہ بچائي نٿو سگهي - آءٌ تنهنجي بخشش جي اميد سان گڏ، تنهنجي عذاب کان پناهہ گهران ٿو.
* آءٌ پنهنجي هر هڪ گناهہ جو اقرار ڪريان ٿو. تنهنجي ذات بي نياز آهي ۽ تون ڪريم ۽ سردار آهين.
* جڏهن تہ تون مون تي عذاب نازل ڪرين ٿو، تہ پوءِ يقيناً مون کان ڪو گناهہ سرزد ٿيو هوندو. ۽ جڏهن تون مون تي

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بخشش ڪرين ٿو، ته بيشڪ اها ڳالهه تنهنجي شايان شان آهي.

(٨٥)

* تنهنجي دوا تو وٽ آهي، پر تون ڄاڻين ڪونه ٿو. پنهنجي درد ۽ تڪليف جو سبب تون ئي آهين، پر تون سمجهين ڪونه ٿو.
* تون ائين ٿو سمجهين ته تون هڪ ننڍڙي جسم وارو جيوُ آهين، حالانڪ تو ۾ هڪ وڏي دنيا سمايل آهي.
* تون هڪ اهڙو روشن ڪتاب آهين، جو ان جي حرفن مان پوشيده راز ظاهر ٿين ٿا.
* ظاهري طرح توکي اِنهيءَ ڳالهه جي ڪا به ضرورت نه آهي، جو توکي خبر ڏني وڃي ته تنهنجي مقدر ۾ ڇا آهي.

(٨٦)

* خدا جو قسم، علم شُڪر جي قسمن کي جمع ڪري ٿو، ۽ جهالت، خدا جو قسم، ڪفر جي صنفن کي گڏ ڪري ٿي.

(٨٧)

* جڏهن سون کي مشڪلاتون پيش اچن ٿيون، ته انهن جي پيچيدگين کي، غور ۽ فڪر سان، حل ڪريان ٿو.
* آءٌ، غيب جي پوشيده رازن جي گهراين تائين، پنهنجي ذهن ۽ قياس جي ذريعي پهچي وڃان ٿو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* جڏهن دل کي غم وڪوڙين ٿا، ته ان وقت مٿس پلاٽيءِ جا وڏيڪ دروازا به کوليا وڃن ٿا.
* آءٌ نرم زبان ۽ روشن دل آهيان. آءٌ ماضيءَ مان مستقبل جو اندازو لڳائي وٺندو آهيان.

(٨٨)

* جهالت جي حالت ۾، جاهل کي گويا مقرر وقت کان اڳ ئي موت اچي وڃي ٿو ۽ قبر ۾ وڃڻ کان اڳ، سندس جسم قبر وانگر ٿي وڃي ٿو.
* جيڪو شخص علم سان زنده نه آهي، اهو مردي جي برابر آهي. پوءِ ان لاءِ قيامت ڏائين زندگي نه هوندي.

(٨٩)

* پٽ، بيشڪ انسانن ۾ ڪي حيوان هوندا آهن، جيڪي ظاهري طرح، انسان وانگر پڌڻ ۽ ڏسڻ وارا هوندا آهن.
* جڏهن ڪين مالي مشڪلات درپيش اچي ٿي، ته انهيءَ وقت هو سياڻا ٿي وڃن ٿا، ۽ جڏهن ڪين دين جي مشڪلات پيش اچي ٿي، ته هو ان کي ٽٽا ڇاڻن.

(٩٠)

* پنهنجي اولاد کي، پارائيءَ اوستا ۾ ئي، ادب حاصل ڪرڻ تي آماده ڪر. ائين ڪرڻ سان، پيريءَ ۾، انهن جون اکيون تيز ٿي وڃن ٿيون.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* جن آدابن کي ٿون جمع ڪرين ٿو، تن جو مثال شروعاتي عمر ۾، انهيءَ نقش جهڙو آهي، جيڪو پٿر تي اڪريل هوندو آهي.

* هي آهي خزانا آهن، جن جا ذخيرا وڌندا ئي رهن ٿا. انهن ذخيرن کي ڪنهن به قسم جي حادثي جو ڪو به خطرو نہ هوندو آهي.

* بيشڪ، صاحب ادب جو قدم جيڪڏهن لغزش به ڪندو آهي، تہ به هو ريشم جي بسترن تي ئي ڪرندو آهي.

* انسان ٻن قسمن جا هوندا آهن: ٻڌڻ وارا ۽ ياد ڪرڻ وارا. باقي سڀ بيڪار آهن، جيڪي درد وانگر تڪليف ڏيندڙ آهي.

(۹۱)

* انسان پنهنجي مقصد کي تيستائين حاصل ڪري نٿو سگهي، جيستائين ان ۾ جان جي بازي نٿو لڳائي.

* جيستائين هو هر قسم جون خواهشون نہ ماريندو، تيستائين هو نشيب کي فراز سان ۽ ناخوشيءَ کي عذر سان ٽاري نہ سگهندو.

* پاڻ کي خطري ۾ مبتلا ڪري، سستي ڪري نہ ويهہ، ڇاڪاڻ تہ ڪو بہ آزاد انسان سستي ڪرڻ تي مجبور نہ آهي.

(۹۲)

* ڪجهہ دير لاءِ صبر ڪر، ڇاڪاڻ تہ دشواريءَ ڪان پوءِ

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آساني ايندي آهي. هر هڪ ڪم لاءِ هڪ وقت ۽ هڪ تدبير مقرر هوندي آهي.

* خداوند تعاليٰ اسان جي حالتن کي ڏسي ٿو. اسان جي تدبيرن جي مٿان خدا جي تقدير ڪارفرما آهي.

(٩٣)

* جيڪڏهن توکي زمانو ڏندن هيٺان چپاڙڻ وارو به هجي، ته پوءِ به تون نجات جي اميد رک.

* جيڪڏهن توکي ڪو به نقصان پهچي، ته به تون دل نه لاهه، ڇاڪاڻ ته ان کان پوءِ آسانيون آهن.

* ڪي عيش جا صاحب پنهنجي بيمارين جي شڪايت ڪن ٿا، ڪيترا ئي انهن مان شب بيداريءَ جي شڪايت ڪن ٿا ۽ هنن کي سمهڻ نصيب نه آهي.

* ڪيترا ئي اهڙا خوشحال ماڻهو به آهن، جن جي رات خوشيءَ سان گذري ٿي، پر صبح ٿيڻ تي، آهستي آهستي مصيبتون انهن ڏانهن وڌنديون رهن ٿيون.

* جيڪو زماني جي صحبت اختيار ڪري ٿو، ان جي صحبت بري سمجهي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته هو زماني جي صفائيءَ کان وڌ ان جي ڪدورت سان دوچار هوندو آهي.

(٩٤)

* اي دنيا ۾ محض صفائي تلاش ڪرڻ وارا، تو بيشڪ هڪ

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناممڪن وجود واريءَ شيءِ جي خواهش ڪئي آهي. تون ان ۾ ڪامياب ڪونہ ٿيندين.

* سمجهي ڇڏ، تہ جيستائين تون زنده آهين، تيستائين تنهنجي آزمائش، نيڪيءَ ۽ بديءَ ۾، آسانيءَ ۽ دشواريءَ ۾ ٿيندي رهندي.

* توکي دنيا ۾، نقصان کان سواءِ فائدو ڪونہ ملندو، ڇاڪاڻ تہ دنيا نفعي ۽ نقصان لاءِ پيدا ڪئي ويئي آهي

* نراسائيءَ ۾ ذلت آهي ۽ پيشقدمي ڪرڻ ۾ بهادري آهي. جيڪو پڇي ٿو، اهو قضا ۽ قدرت کان نجات حاصل ڪري نٿو سگهي.

(٩٥)

* عجب نہ آهي، جو صاف چشمو اجايل کي سيراب ڪري ڇڏي، پر گندو چشمو اجايل جي اُڃ کي اجا بہ وڌيڪ وڌائي ٿو.

* عجب نہ آهي، جو ننگي جسم واري کي لباس ملي وڃي ۽ مظلوم جي امداد ڪئي وڃي.

* عجب نہ آهي، جو هڏين کي گنڍڻ وارو، پنهنجي مهربانيءَ سان ٽٽل هڏين کي آرام پهچائي ۽ اهي جڙي وڃن.

* عجب نہ آهي، جو خدا پريشانين کي آسان ڪري ڇڏي. خدا جي رحم کان مايوس نہ ٿيو.

(٩٦)

* جيڪڏهن زمانو مون کي غمگين ڪري، تہ مون ان تي صبر

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ جو ارادو ڪيو آهي؛ ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن وقتي سختي ايندي، تہ ڪڏهن آرام بہ حاصل ٿيندو.
* جيڪڏهن زمانو مون کي خوش ڪرڻ جي ڪندو، تہ آءٌ ان تي خوش ڪونہ ٿيندس؛ ڇاڪاڻ تہ هر ڪا خوشي هميشہ ڪانہ رهندي آهي. خوشي هڪ حقير شيءِ آهي.

(٩٧)

* جيڪڏهن زمانو مون کي غمگين ڪيو آهي، تہ ان مون کي خوش بہ ڪيو آهي. جيڪڏهن مون کي تنگي پيش ايندي آهي، تہ ڪڏهن آسودگي بہ حاصل ٿيندي آهي.
* مون ۾ هر هڪ وقت لاءِ هڪ عادت آهي: جيڪڏهن زمانو مون تي تنگي ڪندو آهي تہ صبر ڪندو آهيان، ۽ جيڪڏهن خوش رکندو آهي تہ شڪر ڪندو آهيان.

(٩٨)

* مشڪل ۾ پنهنجي نفس تي آساني محسوس ڪر، ڇاڪاڻ تہ بيشڪ هر ڪم جو اندازو خدا جي هٿ ۾ آهي.
* اِئين نہ ٿئي، جو جيڪو ڪم تنهنجي نفس لاءِ ممنوع آهي، اهو تو کي ڪرڻو پوي، ۽ جيڪو ڪم تنهنجي نفس لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، ان ۾ ڪا ڪوتاهي ٿئي.

(٩٩)

* منهنجي ڏينهن ۾ اهو ڪهڙو ڏينهن آهي، جڏهن آءٌ موت

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پڇي ڦو سگهان؟ هڪ اهو ڏينهن جنهن ۾ منهنجو موت مقرر ٿيل آهي، ۽ ٻيو اهو ڏينهن جيڪو منهنجي موت جو نہ آهي.

* جيڪو ڏينهن منهنجي موت لاءِ مقرر ٿيل آهي، ان جي تڪليف ڪان آءٌ هرگز ڪونہ ڊڄندو آهيان: ۽ جيڪو ڏينهن مقرر ٿيل نہ آهي، ان ڪان مون کي خوف نہ آهي ۽ نہ وري ان جي پرواهہ آهي.

(١٠٠)

* خطا کي اهو ئي خطاڪار اختيار ڪندو آهي، جيڪو پنهنجي نفس کي چپ چاپ ڪوتاهيءَ ڏانهن ويندي ڏسندو آهي.

* هر شخص اهو ئي ڪم ڪندو آهي، جنهن جي هو لائق هوندو آهي. چڱو چڱن ڪمن جي لائق هوندو آهي ۽ برو وري برن ڪمن جي.

(١٠١)

* انسان ۾ دنيا جو حرص آهي، حالانڪ ان جي صفائي بہ تنهنجي لاءِ ڪدورت ڪان خالي نہ آهي.

* اڪثر ماڻهو دنيا سان وڙهندا رهن ٿا، جو دنيا انهن سان موافقت نٿي ڪري. اڪثر بيڪس ۽ عاجز اهڙا بہ آهن، جن وٽ، باوجود عدم تدبير جي، دنيا پهچي وڃي ٿي.

* جيڪڏهن ڪنهن جو رزق مقرر ڪيل نہ هجي ها، تہ ان کي پنهنجي تدبير سان بہ روزي نہ ملي ها. پر هر ڪنهن کي

books.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

هن دنيا ۾ هڪ مقرر ڪيل مقدار جيتري روزي ملندي رهي ٿي.
* جيڪڏهن روزي بازوءَ جي زور يا قوت جي وسيلي ملڻي هجي ها، ته باز، اڏامي، سيني جهرڪين تائين پهچي وڃي ها.

(۱۰۲)

* انسانن ۽ جانورن جو پروردگار پاڪ ۽ پيارو آهي. هو پرهيزگارن ۽ بدڪارن ٻنهي جو رزاق آهي.
* جيڪڏهن هڪ بندي جي روزي ٻئي بندي جي هٿ ۾ هجي ها، ته مون کي پروردگار جي ڏنل رزق مان هڪ ذرو به نه ملي ها.

(۱۰۳)

* مون ڏٺو ته زمانو، مختلف نمونن ۾، گردش ڪري ٿو. نه غم هميشه رهي ٿو ۽ نه وري خوشي.
* بيشڪ، بادشاهن دنيا ۾ بلند عمارتون ٺهرايون، پر نه اهي بادشاه باقي رهيا ۽ نه وري اهي عمارتون.

(۱۰۴)

* دنيا جا سڀ فائدا محض غرور جي خوراڪ لاءِ آهن. ڪنهن به خوشحال لاءِ ڪا به خوشي باقي نه رهندي.
* تون بدبختن کي چؤ ته هو تو سان موافقت ڪن، ڇاڪاڻ ته دنيا جا مصائب گردش ڪندا رهن ٿا.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠٥)

* هيءَ دنيا طلب ڪرڻ واري لاءِ نه آهي. هن جي حصي ۾ ته محض رنج آهي. پر هو آها ڳالهه ڪونه ٿو سمجهي.

* جيڪڏهن دنيا ڪنهن وٽ اچي ٿي، ته آها ديانتدارن جي ديانت کي به ڦيري ڇڏي ٿي: ۽ جيڪڏهن پوئتي هٽي ٿي، ته پنهنجن گهٽڪڙن کي وري پائيمال ۾ مصروف ڪري ٿي.

(١٠٦)

* اي دنيا، مون توکي ٽنائي ڇڏيو. پر تون پنهنجي طالبن لاءِ ڪيتري نه تلخ آهين ۽ انهن ماڻهن کي تنهنجي طرفان ڪيترو نه نقصان پهچي ٿو!

* ڪنهن به چکڻ واري تنهنجي چڱائيءَ جو مزو ڪونه چکيو، جيستائين تو پنهنجي شرارت کي ان تي مڙهيو نه هجي.

(١٠٧)

* تو دنيا سان بري اميد وابسته رکي آهي ۽ هي ڪونه ٿو ڄاڻين ته، رات گذرڻ کان پوءِ صبح تائين، تون زنده رهي سگهندين يا نه.

* ڪيترا ئي تندرست ماڻهو بنا ڪنهن بيماريءَ جي مري ويا آهن، ۽ اڪثر بيمار ماڻهو، هڪ زماني کان پئي زماني تائين، زنده رهيا آهن.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۰۸)

* تو زماني متعلق حسن ظن قائم ڪري ورتو آهي، جڏهن ته زمانو بهتر هو. پر تون ان جي برائيءَ کان ڪونه تو ڊڄين، جيڪا هو تو تائين پهچائڻ وارو آهي.
* راتين توکي سلامت رکيو ۽ تون (دنيا) تي فريفته ٿي وئين، حالانڪ راتين جي صفائيءَ اندر ئي ڪدورت به پيدا ٿيندي آهي.

(۱۰۹)

* ماڻهو گذريل زماني کي برو يا ڀلو سمجهن ٿا، حالانڪ زماني ۾ بذات خود ڪا به تبديلي نه ٿيندي آهي.
* اُهَ راتين کي ڏسان ٿو ته اهي منهنجي زماني وانگر گذرن ٿيون، ۽ ڏينهن کي ڏسان ٿو ته اهي به اسان تي وري اچن ٿا.
* آسمان بارش کي اسان کان ڪونه روڪيو آهي، ۽ نه وري اسان لاءِ سج يا چنڊ کي گرهڻ لڳائي آهي.
* تون هن کي ٻڌاءِ ته جيڪو زماني جي گردش جي مذمت ڪري ٿو، تنهن جڻ زماني تي ظلم ڪيو ۽ ماڻهن جي مذمت ڪئي.

(۱۱۰)

* ڪيترا ئي نوجوان اهڙا آهن، جيڪي دنيا کي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا. انهن لاءِ جڏهن کان پوءِ آخرت ٿيندي ئي ڪانه.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڪي تہ اهڙا بہ آهن، جن جي دنيا تہ خراب آهي، پر ان جي پويان هنن لاءِ عمدي آخرت آهي.

* ڪو وري اهڙو بہ آهي، جنهن ٻنهي کي حاصل ڪري ورتو آهي.

* ڪي اهڙا بہ آهن، جيڪي ٻنهي کان محروم آهن. انهن لاءِ نہ دنيا آهي ۽ نہ وري آخرت.

(١١١)

* مون زماني جي انقلاب کي سڀ حالتن تائين آزمايو آهي ۽ اُهُ زماني جي تنگيءَ ۽ آسودگيءَ، ٻنهي قسمن جي حالتن ۾ رهيو آهيان.

* مون، دين کان پوءِ، ڪشاده دستيءَ کان وڌيڪ ڪا بہ چڱي شيءِ ڪانہ ڏٺي؛ ۽ ڪفر کان پوءِ، محتاجيءَ جهڙي بدترين شيءِ ڪانہ ڏٺي.

(١١٢)

* افسوس، محتاجن جي گهرن ۾ سدائين، ايتري قدر جو انهن جي قبرن تي بہ، ذلت جي خاڪ رهي ٿي.

(١١٣)

* تنهنجو اهو دليل، تہ محتاجي مالداريءَ کان بهتر آهي ۽ غريب مالدارن کان چڱا آهن، هن ڳالهہ مان ملي ٿو تہ دولتمند اڪثر ڪري الله جا نافرمان ٿي وڃن ٿا، پر تون

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن فقير کي، فقيريءَ سبب، خدا کان نافرمان ٿيندي ڪونہ ڏسندين .

(١١٤)

* بي‌حيائي بي‌حيا کي دوزخ ۾ گهلي وڃي ٿي .

* انهيءَ شخص تي شرم اچي ٿو، جيڪو پنهنجي رات تہ آرام سان گذاري ٿو، پر سندس پاڙيسري بکيو ۽ پراڻن ڦاٽل ڪپڙن ۾ رهي ٿو .

* ڪمزور جي دل ٽوڙڻ ۽ ان تي ظلم ڪرڻ ۽ ٻين کي نيڪن جي مقابلي ۾ آڻڻ بي‌شرمائي آهي .

* جيڪا شيءِ توکي فائدو پهچائي، تنهن جو قدر نہ ڪرڻ تنهنجي لاءِ شرم جي ڳالهہ آهي .

* انهيءَ شخص لاءِ بہ شرم آهي، جيڪو پنهنجي دشمن کان تہ لڪي ٿو، پر دوستن جي مقابلي ۾ چيريندڙ ڦاڙيندڙ شينهن وانگر ٿي وڃي ٿو .

* انهيءَ لاءِ بہ شرم آهي، جيڪو هوندي تہ ماڻهن ۾ مقدم هجي، پر لڙائيءَ جي موقعي تي پوئتي پڇڻ وارو هجي .

(١١٥)

* چاهہ تو اهو نہ ڏٺو آهي تہ درياءَ جو پاڻي بہ خشڪ ٿي ويندو آهي ۽ ان جي مڇين تي مصيبتون نازل ٿي پونديون آهن .

* چاهہ تو اهو نہ ڏٺو آهي تہ محتاجيءَ جي وقت مالدار تين

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اميد ڪٽي ويندي آهي ۽ دولتمنديءَ جي وقت محتاجيءَ
جو ڀَو خوف رهندو آهي.

(١١٦)

* جڏهن شرارت وڌي ويندي آهي، تہ صبر بہ اوترو ئي وڌندو آهي، جئين اهو ماڻهو ٻن پٿرن جي وچ ۾ مُشڪ آهي.
* مُشڪ کي مهٽ ايندي، تہ خوشبوءِ بہ تيز ٿيندي. سو آزاد انسان شرارتن ۽ مصيبتن تي صبر ڪندا آهن.

(١١٧)

* آءٌ چاهيندو آهيان تہ ماڻهو منهنجي ڪشاده دليءَ کان خوش وهن ۽ اهو بہ تہ مون کان پوءِ منهنجي قبر تي زياده دعائون گهرن.
* ۽ هو مون کي پنهنجي محفلن جو ساٿي بنائين ۽ جيڪڏهن آءٌ انهن جي نظرن کان غائب ٿي وڃان، تہ منهنجو ذڪر خير ڪن.

(١١٨)

* پاڪ باطن انسانن جي صحبت اختيار ڪر، چاڪاڻ تہ جڏهن توکي ڪنهن مدد جي ضرورت پوندي تہ اهي ٿوڻين مثل هوندا ۽ اهي تنهنجي لاءِ پشت پناهہ وانگر هوندا.
* هزار دوست ۽ ساٿي گهڻا نہ آهن، پر هڪ دشمن بہ گهڻو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۱۹)

* ڏنهنجي اندر ۾ نه صفائي آهي، نه وري ڪنهن لاءِ ڪو فائدو، جنهن جو ڪو اندازو لڳائي سگهجي. مون توکان پنهنجا ڪم ۽ تعلقات الڳ ڪري ڇڏيا آهن.

* جيڪڏهن تون اجا به رهجي وئين ته ڪنهن به بزرگيءَ جو اميدوار نه هوندين ۽ جيڪڏهن مري وئين ته ذلت جي لائق آهين ۽ دوزخ جي باهه ۾ وڃي پوندين.

(۲۲۰)

* جيڪڏهن تون چاهين ته آزاد ٿي وڃين، ته غلامن وانگر رنج ۽ محنت برداشت ڪر، ۽ بني نوع انسان جي مال ۾ لالچ واري اميد نه رک.

* اِئين نه چئو ته ڪسب ڪرڻ وارو ذليل آهي، چاڪاڻ ته ماڻهوءَ لاءِ اهڙو تصور ڪرڻ ئي ذليل ڪرڻ وارو آهي.

(۲۲۱)

* جيڪڏهن تو ڪجهه به ڪونه پوکيو آهي ته پوءِ تون پڻ ڪي لڻندو ڏسي، پنهنجي ڪوتاهيءَ تي شرمندو ٿيندين.

* قيامت جي ڏينهن، تقوا کان سواءِ ٻي ڪا به شيءِ نه هوندي، جنهن کي تون پنهنجو توشو بڻائي سگهين.

(۲۲۲)

* وارن جي سفيدي موت جي نشاني آهي ۽ پيريءَ جي شروعات

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اها تنهنجي وارن لاءِ موت آهي ۽ وارن جي موت کان پوءِ تنهنجو وارو آهي.

* جڏهن تون ڏسين ته مٿي ۾ سفيد وار پکڙجي ويا آهن، ته اهو تنهنجي لاءِ (پنهنجي موت جو) چتاءُ آهي.

(١٢٣)

* آءٌ علي آهيان. پڇو ته اوهان کي معلوم ٿي ويندو جڏهن جنگ ۾ منهنجو مقابلو ڪندؤ، ته واپس پوئتي موٽڻو پوندوَ.

* منهنجي تلوار ڪاٽڻ واري آهي ۽ آن جو ڦر چمڪي ٿو.

* حضرت حمزو اهل الخير آهي ۽ حضرت جعفر منهنجو همعصر آهي. هنن جا بازو جنت ۾ سرسبز آهن.

* حضرت فاطمه منهنجي زال آهي، ۽ آها فخر جي باعث آهي. اهو فخر صرف مون کي حاصل آهي.

(١٢٤)

* تنهنجي زندگيءَ جون ساعتون ڳڻيل آهن. جڏهن هڪ گهڙي ۾ گذري وڃي ٿي، زندهه رهندڙ جو ڇيڙو زندگيءَ کان الڳ ٿيندو وڃي ٿو.

* توکي اها شيءِ هر حال ۾ فنا ڪري ڇڏيندي، جيڪا توکي زندهه رکيو ٿي اچي. الڳ ڪرڻ وارو توکي پري اڇلي ڇڏيندو، ۽ انهيءَ ڳالهه ٿي توکي ڪو به افسوس نه ٿيڻ گهرجي.

* هن جسم ۾ صبح ڪندين ته شام جو وري بغير جسم جي

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندين. توکي ايتري سمجهه نه آهي، جو انهيءَ مان پنهنجي مصيبت جو اندازو ڪري سگهين.

(١٢٥)

* علم هڪ زينت آهي. تون علم حاصل ڪر. جيستائين زنده آهين، علم جو طالب ٿي رهه ۽ ان مان فائدو حاصل ڪندو رهه.
* علم جي طرف توجهه ڏي. خدا تي ڀروسو ڪر، ۽ انهيءَ علم جي ذريعي، هر چيز کان بي نياز ٿي وڃ. بردبار، عاقل ۽ عالم ٿيءُ.
* علم پرائڻ کان عاجز نه ٿيءُ. يا ان ۾ ڪوشش ڪر، يا ان ۾ مستغرق ٿي وڃ.
* جوانمرد، خدا پرست، پرهيزگار ۽ متقي ٿيءُ.
* جيڪو به آدابن جو خوگر هوندو، تنهن تي قوم جي سردار جو سايو رهندو ۽ پيا سردار هن کان الڳ ٿي ويندا.
* هدايت حاصل ڪريو. علم سڀ کان عمدي دولت آهي. خدا جي فضل سان، طالب علم لاءِ علم حاصل ڪرڻ نهايت آسان آهي.

(١٢٦)

* جيڪو به حادثو پيش اچي، ان لاءِ الله تعاليٰ تي الزام نه ڏر. هر ڪم ۾ خوش رهه ۽ آساني پيدا ڪر.
* هر ڪم ۾ آساني پيدا ٿي سگهي ٿي. صبح ۽ شام ڪرڻ واري لاءِ ئي صبح ۽ شام ايندي آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وکر سو وهاءِ ...

(١٢٧)

* سڀ تعريف خدا پاڪ لاءِ آهي. ان جو ڪو به شريڪ نه آهي. صبح شام ان جي تعريف ڪرڻ منهنجي عادت آهي.

* منهنجو ڪو به مونس نه رهيو آهي، جيڪو منهنجي غمخواري ڪري. صرف هڪ ٿي همدرد آهي، جنهن جي انس کان آءٌ ڏجان ٿو.

* جيتري قدر ٿي سگهي، ماڻهن کان پري رهه. ۽ اهڙي ماڻهوءَ جي طرف ته هرگز رجوع نه ڪيءُ، جنهن جي نجات جو توکي يقين نه هجي.

* بندو اهڙيءَ شيءِ جي آرزو ڪندو آهي، جنهن کي هو حاصل ڪري نه سگهندو آهي، حالانڪ موت منهنجي نفس کان وڌيڪ ويجهو آهي.

(١٢٨)

* توکي ساهه ڪڻڻ ۽ اک ڇنڀڻ جي عرصي ۾ به موت کان بي خوف نه رهڻ گهرجي، خواه تون نگهبانن ۽ دربانن جي وچ ۾ محفوظ ڇو نه هجين.

* تون يقين ڪر، هر هڪ زره پوش ڏانهن موت جو تير نڪري چڪو آهي.

* تون نجات جي توقع ڪرين ٿو، پر نجات جي رستي تي ڪونه ٿو هلين. تحقيق، ٻيڙي خشڪيءَ ۾ هلي نه سگهندي آهي.

(١٢٩)

* سلامتي هجي انهن قبر وارن تي، جيڪي منجهي ويا

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. جٽڪ اهي اسان جي محفلن ۾ هٿا ٺي ڪونہ،
* جٽڪ هنن ٿڌي پاڻيءَ جو ڍڪ ٺي ڪونہ پريو هو، يا تازين ۽ خشڪ شين کي چکيو ٺي ڪونہ هو.

(۱۳۰)

* ڪامل انسان پنهنجي نقصان تي سڀ کان زياده ويچارڻ وارو آهي، ۽ پنهنجي خواهشن ۽ لالچ تي صبر ڪرڻ وارو آهي.
* اهڙي شخص جي سلامتيءَ جو خواهان رهہ، جيڪو تنهنجي قربت ڳولي ٿو. جنهن جي صحبت کان تون راضي نہ آهين، تنهن کان پرهيز ڪر.

(۱۳۱)

* ڪنهن بہ ڳالهہ لاءِ، عافيت کي بوج تصور نہ ڪر، ۽ ڪنهن بہ تڪليف کي، آسان هئڻ سبب، سولو نہ سمجهہ.
* جيستائين تون بي نياز رهي سگهين ٿو، تيستائين ڪاوش ۽ پٽ کوهہ ڇڏي ڏي ،چاڪاڻ تہ ڪيترا ٺي ماڻهو، پنهنجي ڪاوش ۽ پٽ کوهہ سبب، پنهنجي لاءِ هلاڪت آڻڻ وارا ٿي پوندا آهن.

(۱۳۲)

* عنقريب، آءٌ پنهنجو مال هر انهيءَ شخص تي بخش ڪري ڇڏيندس، جيڪو غالب اچي ويندو. آءٌ اهو مال ادا ڪرڻ ۽ زڪوات ڏيڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏيندس.
* پوءِ، اهو چاهي بخشش ڪرڻ وارو هجي تہ، آءٌ پنهنجي

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مال سان ان جي آبرو بچايان، ۽ يا تہ هو ڪميڻو هجي، تہ ان جي ملامت کان پنهنجي آبرو محفوظ رکي سگهان.

(١٣٣)

* جيڪڏهن خدا تنهنجي محتاجيءَ ۾ راضي آهي، تہ تو کي ان منجهان ستت بهتري ۽ ڀلائي ڏيندي.
* جيڪڏهن خدا اُن ۾ راضي نہ آهي، تہ ان محتاجيءَ جي راهہ ۾ ڪا نہ ڪا شيءِ مانع ٿي پوندي، جيڪا اُن کي روڪي وجهندي.

(١٣٤)

* زماني جي ڳالهين تي صبر ڪر. ڪنهن تي بہ غصو نہ ڪر. لوح محفوظ ۾ بہ آنهيءَ ڳالهہ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.
* آنهيءَ گهر ۾ قيام نہ ڪر، جتي ڪو فائدو نہ هجي. تنهنجي لاءِ زمين ڪشادي آهي ۽ رزق جي گهڻائي آهي.

(١٣٥)

* انسان جو ننڊ ۾ هئڻ سندس بيداريءَ کان بهتر آهي، ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجي عملن جي ڪاتب فرشتن کي بيداريءَ جي حالت ۾ خوش رکي نٿو سگهي.

(١٣٦)

* ڪميڻن ماڻهن سان احسان ڪري، تون ان کي ضايع نہ ڪر. اهو احسان رائگان ۽ برباد ٿي ويندو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* اهڙو نيڪيءَ جو ڪم ڪنهن آزاد ماڻهوءَ سان ڪر، ته جيئن اهو ڪم مُشڪ تي پوي ۽ اُن جي خوشبوءِ پکڙجي وڃي.

(١٣٧)

* بردباريءَ جو خزانو ئي پوَ، ۽ ڪنهن کي ايذاءَ رسائڻ کان پرهيز ڪر. پوءِ تون جلدي پنهنجي انهيءَ عمل جي نتيجي کي خود ڏسڻ ۽ پڌڻ وارو هوندين.

(١٣٨)

* تنهنجو سچو پاءُ اهو آهي، جيڪو تو لاءِ ڪوشش ڪري ٿو ۽ جيڪو توکي آرام ۽ نفعي پهچائڻ لاءِ جهد ڪري ٿو.
* ۽ سچو دوست اهو آهي، جيڪو ڪنهن ڪم ۾ توکي پريشان ڏسي، ته تنهنجي اطمينان لاءِ خود پريشان ٿي وڃي.

(١٣٩)

* وفا ختم ٿي ويئي آهي. هاڻي نه بخشش رهي آهي ۽ نه وري ڪا اميد. ماڻهن ۾ سواءِ نااميديءَ ۽ بي صبريءَ جي پيو ڪجهه به نه رهيو آهي.
* پوءِ صبر ڪر، الله تي اعتماد رک ۽ اُن جي رضاجوئي ڪر، چاڪاڻ ته هو ئي بهترين ڪريم آهي.

(١٤٠)

* جيڪڏهن ڪو به حادثو توکي غمگين ڪري، ته ان تي

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي صبري نه ڪر، ڇاڪاڻ ته تنگيءَ جي وقت صبر ڪرڻ ۾ (مشڪلات جو) حل آهي.

* تحقيق، جڏهن ڪنهن اهل ڪرم تي ڪا تنگي پيش ايندي آهي، ته هو ان تي بي صبري ڪونه ڪندو آهي.

(١٣١)

* دنيا جي طمع ترڪ ڪر، ۽ سهل زندگيءَ جي آرزو نه ڪر.
* مال جمع نه ڪر. توکي خبر نه آهي ته تون آهو ڪنهن جي لاءِ جمع ڪري رهيو آهين.
* توکي اها خبر به نه آهي ته توکي پنهنجي زمين ۾ دفن ڪيو ويندو يا پرائيءَ ۾.
* بهرحال رزق تقسيم ٿيل آهي. ان جي گهٽائيءَ لاءِ ماڻهوءَ جي ڪوشش بيڪار آهي.
* جيڪو لالچ وڪي تو اهو محتاج آهي، ۽ جيڪو قناعت ڪري ٿو آهو غني آهي.

(١٣٢)

* مصيبت مٿان مصيبت اچڻ هن ڳالهه جي نشاني آهي ته توکي هوس کان باز رهڻ نتو اچي.
* حالتن جي ڦيرگهير مان توکي اهو سمجهڻ گهرجي ته سڀ نيون شيون پراڻيون ٿي وينديون ۽ فصل لٽيا ويندا.

(١٣٣)

* بڪ ۾ رهي جو بڪ پرهيزگاريءَ جو ثبوت آهي. بيشڪ گهڻو

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصو بکيو رهڻ وارو هڪ ڏينهن بهتر ٿي ويندو.
* صغير گناهن کان پرهيز ڪريو، ڇاڪاڻ ته اهي به عنقريب جمع ٿي ڪبير ٿي ويندا.

(١٣٤)

* جيڪڏهن آءٌ ويهي سوچيان، ته منهنجا گناهه تمام گهڻا آهن ۽ پر منهنجي پروردگار جي رحمت انهن کان وڌيڪ آهي.
* مون کي نيڪي ۽ احسان ڪرڻ جو ڪا به لالچ نه آهي. البت، خدا جي رحمت جي گهڻي لالچ رکان ٿو.
* جيڪڏهن منهنجي نجات ٿئي ته اها صرف رحمت سبب ٿيندي. پر جيڪڏهن نجات نه ٿئي، ته آءٌ ڇا ڪري سگهندس.
* هو ئي منهنجو مالڪ، منهنجو معبود، منهنجو پروردگار ۽ منهنجو محافظ آهي. آءٌ انهيءَ ڳالهه جو اقرار ڪريان ٿو ۽ عاجزي ڪريان ٿو.

(١٣٥)

* تنهنجي نعمتن سبب، يا انهيءَ عذاب سبب جيڪو تون دفع ڪرين ٿو، آءٌ تنهنجو حمد چوان ٿو.
* تون جيڪو چاهين ٿو، سو ڪرين ٿو. ۽ تون اهڙيءَ جڳهه تان پڪڙين ٿو، جتان ڀڄي ڪو به پڄي ڪونه ٿو سگهي.

(١٣٦)

* اي بخشيندڙ ۽ برتريءَ وارا، سڀ تعريف تنهنجي لاءِ آهي.

books.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

تون مٿانهون آهين. جنهن کي چاهين، بخش ڪرين ٿو ۽ جنهن کي چاهين، تنهن کان بخشش روڪين ٿو.

* اي منهنجا معبود، منهنجا پروردگار، منهنجا پناهگاهه ۽ منهنجا مولا، آءٌ تنگيءَ توڙي آسودگيءَ ۾، تو اڳيان ئي آهه ۽ زاري ڪريان ٿو.

* اي منهنجا معبود، جيتوڻيڪ منهنجيون خطائون بي‌انت آهن، پر تنهنجي بخشش منهنجي گناهن کان بلند، برتر ۽ وسيع آهي.

* اي منهنجا معبود، مون پنهنجي نفس جي هرخواهش کي پورو ڪيو آهي، پر هاڻي ته آءٌ ندامت جي رڻ ۾ پيل آهيان.

* اي منهنجا معبود، تون منهنجي حالت، منهنجي محتاجيءَ ۽ بي‌نوائيءَ کي ڏسين ٿو ۽ منهنجي پوشيده رازن کي ڄاڻين ٿو.

* اي منهنجا معبود، تون مون کي پنهنجي عذاب کان پناهه ۾ رک، ڇاڪاڻ ته انهيءَ کان آءٌ ذليل ۽ پريشان آهيان ۽ تنهنجي حضور ۾ عاجزيءَ سان اچڻ وارو آهيان.

* اي منهنجا معبود، قبر ۾ منهنجي دليلن جي وزن وقت تون منهنجو ساٿ ڏيندين، ته پوءِ وڃي قبر منهنجي لاءِ ننڊ جو مقام ٿيندي.

* اي منهنجا معبود، جيڪڏهن تون مون کي هڪ هزار سالن تائين به عذاب ۾ گرفتار رکندين، ته پوءِ به منهنجي اميد جي رسي توکان نه ڇڄندي.

* اي منهنجا معبود، تون مون کي ان وقت معافيءَ جي رحمت

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان‌نواز، جڏهن نه اولاد ڪم ايندو ۽ نه وري مال.

* اي منهنجا معبود، جيڪڏهن تون منهنجي حفاظت نه ڪندين، ته آءٌ برباد ٿي ويندس؛ پر جيڪڏهن تون منهنجو محافظ هوندين، ته آءٌ بچي ويندس.

* اي منهنجا معبود، جيڪڏهن تون صالحن کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به نه بخشيندين، ته پوءِ انهيءَ بدڪار جو سهارو ڪير ٿيندو، جيڪو حرص ۽ هوس جي پٺيان ٿي هلندو رهيو آهي.

* اي منهنجا معبود، جيتوڻيڪ مون پرهيزگاريءَ ۾ ڪوتاهي ڪئي آهي، پر هاڻ بخشش لاءِ ٻاڏايان ٿو.

* اي منهنجا معبود، منهنجا گناهه پهاڙن کان به وڏي ويا، پر تنهنجي بخشش منهنجي گناهن کان به مٿي آهي.

* اي منهنجا معبود، مون پنهنجي جهالت سبب خطا ڪئي آهي، پر تنهنجي معافيءَ جو اميدوار آهيان.

* اي منهنجا معبود، تنهنجي احسانن جو ذڪر منهنجي جگر جي سوز کي دور ڪري ٿو. ۽ جيڪي گناهه ڪيا اٿم، انهن جو ذڪر منهنجي اکين جا ڳوڙها جاري ڪري ٿو.

* اي منهنجا معبود، جيڪڏهن تون پنهنجي طرفان رحمت ۽ راحت نه پهچائيندين، ته تنهنجي ڪرم کان سواءِ منهنجو ڇوٽڪارو ڪير ڪٿي ٿي سگهي ٿو!

* اي منهنجا معبود، جيڪڏهن تون مون کي رسوا ڪندين، ته پوءِ ٻيو ڪير آهي، جنهن کان شفاعت جي توقع رکان.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* اي منهنجا معبود، جيڪڏهن تون مون کي نا اميد ڪندين ۽ تڏي ڇڏيندين، ته پوءِ منهنجي لاءِ ٻيو ڪهڙو سهارو آهي ۽ آءٌ ڇا ڪري سگهندس!
* اي منهنجا معبود، نيڪ شخص ئي تنهنجي محبت رکي ٿو ۽ شب بيداري ڪري ٿو، توسان راز ۽ نياز ڪري ٿو ۽ دعا گهُري ٿو، پر غافل شخص سمهيو رهي ٿو.
* سموري موجودات، تنهنجي فضل ۽ ڪرم جي اميدوار آهي ۽ تنهنجي رحمت تي ڀروسو رکي ٿي ۽ بهشت جي طمع رکي ٿي.
* اي منهنجا معبود، منهنجو حشر حضرت محمد صلعم جي دين تي ڪر. آءٌ تنهجني طرف مائل آهيان، خوفزده آهيان، فرمانبردار آهيان ۽ عاجز آهيان.
* اي منهنجا معبود، منهنجا سردار، مون کي پنهنجي عظيم شفاعت کان محروم نه ڪر، ڇاڪاڻ ته تون شفاعت قبول ڪندڙ آهين.

(۱۳۷)

* پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي، پنهنجي آخرت لاءِ، ثمر موڪل، ڇاڪاڻ ته سڀاڻي دنيا مان ڪوچ ڪرڻو اٿئي.
* ويجهي سفر (موت) جو اهتمام ڪر. اهو سفر گهڻيءَ دوريءَ وارو آهي.
* پنهنجي سفر جي توشي ۾، خدا جو خوف ۽ تقوا اختيار ڪر، ۽ ائين سمجهه ته تنهنجو موت ايندڙ رات کان اڳ اچڻو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* پنهنجي روزيءَ تي قناعت ڪري، چاڪاڻ ته عين بي‌نيازي اها آهي. جيڪو قناعت نٿو ڪري، محتاجي آن جي بلڪل ويجهو آهي.

* ڪميڻن جي صحبت کان پرهيز ڪر، چاڪاڻ ته آهي توکي خالص دوستيءَ کان پري رکندا ۽ رڳو ڏيکاءُ ڪندا.

* اهي آنهيءَ وقت ڏائين تنهنجا دوست رهندا، جنهن وقت تائين تون آنهن کي خوش رکندو ايندين. ۽ جڏهن به تو پنهنجو هٿ روڪي ورتو، ته پوءِ انهن جو زهر تنهنجي لاءِ تيار آهي.

* اهڙي ڪنهن شخص سان جيترو به ممڪن ٿي سگهي پنهنجو راز نه اور، چاڪاڻ ته هو تنهنجي رازن جو پردو کولي ڇڏيندو.

* تون ڏسين ٿو ته جيئن هو پين جا راز کولي ٿو، تيئن تنهنجا راز به کولي وجهندو.

* جيڪڏهن توکي ڪنهن جي رازن جو رازدار بڻايو وڃي، ته اذون کي پوشيده رک: پين جي عيبن کي نه آگهاڙ.

* سوال پڇڻ کان سواءِ، ڪنهن به محفل ۾، ڪا به گفتگو نه ڪر، چاڪاڻ ته آها بي‌ادبي آهي.

* سيڪنهن ماڻهوءَ جي متعلق، هن جي خاموشي چڱو گمان پيدا ڪري ٿي. پوءِ چاهي اهو نادان، بي‌عقل ۽ احمق ڇو نه هجي.

* چرچي ڀوڳ کي ترڪ ڪر، چاڪاڻ ته مزاحيه گفتگو تڪليف کي تنهنجي طرف آڻي ٿي، ۽ ان جي توکي ڪا به

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خبر نہ هوندي آهي.

* پنهنجي پاڙيسريءَ جي همدرديءَ کي رائگان نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ اُئين ماڻهو ڪڏهن بہ عزت حاصل ڪري نہ سگهندو.

* جڏهن ڪو خطاڪار پنهنجي لغزشن جي معافي چاهي، تہ توکي معافي ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ خدا پاڪ جو ثواب تمام وسيع آهي.

* زماني جي حادثن تي بي‌صبري نہ ڪر، ڇاڪاڻ تہ بي‌صبرو زماني جي حادثن تي حوصلي کان ڪم وٺي نٿو سگهي.

اهڙن ڪمن ۾ پيءُ جي اطاعت ڪر، جن لاءِ هو توکي وصيت ڪري، ڇاڪاڻ تہ پيءُ جو فرمانبردار ڪڏهن بہ خراب ۽ ذليل نہ رهندو آهي.

(١٣٨)

* اي گنهگارو، اوهين نا اميد نہ ٿيو. بيشڪ خدا پاڪ مهربان ئي مهربان آهي.

* ثمر ۽ سامان کان سواءِ، توهين هرگز سفر نہ ڪريو، ڇاڪاڻ تہ رستو خوفناڪ ئي خوفناڪ آهي.

(١٣٩)

* جيڪڏهن تون وڏن مرتبن جو خواهشمند آهين، تہ احسان ڪرڻ فرض سمجهہ ۽ بخل کان باز رهہ.

* جيڪڏهن ڪو بہ شخص توتي زيادتي ڪري، تہ ان کي درگذر ڪر، ڇاڪاڻ تہ (زيادتيءَ جي) بدلي وٺڻ وارو (خدا) ڪافي آهي.

books.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

(١٥٠)

* دنيوي مال ۾ بخل ڪان ڪر نه وٺ، ڇاڪاڻ ته اهو بخل تنهنجي آڏو اچڻ وارو آهي. دنيوي مال کي ڏيڻ يا خرچ ڪرڻ سان ان ۾ ڪا به گهٽتائي نٿي اچي.

(١٥١)

* فنا ٿيڻ واريءَ شيءِ جي فنا ٿيڻ تي مون کي ڪو به افسوس نه آهي. تون مون کي انهيءَ تي افسوس ڪندي نه ڏسندين.

* خدا پاڪ جيڪو ڪجهه منهنجي لاءِ مقرر ڪيو آهي، اهو هرگز ڪونه بدلبو ۽ ڪنهن ٻئي کي ڪونه ملندو.

* تعريف آهي انهيءَ خدا جي، جنهن جو ڪو به مٽ ثاني نه آهي. (هن جي اڳيان) مون ۾ ڪا به قوت نه آهي، حالانڪ منهنجي قوت (هونءَ) بلند آهي.

* آءٌ تڪليفن توڙي آرام تي رضامند آهيان. منهنجي لاءِ انهن ۾ ڪا به حيرت جي ڳالهه نه آهي.

(١٥٢)

* شال خدا اسان کي سٺي جزا ڏئي، ڇاڪاڻ ته هو اسان لاءِ اسان جي والدين کان به وڌيڪ سٺو ۽ زياده مهربان آهي.

* موت، جانين کي، اذيت کان جلدي نجات ڏئي ٿو ۽ ان گهر جي ويجهو پهچائي ٿو، جيڪو بلند ۽ بدتر آهي.

books.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

(۱۵۳)

* اي منهنجا مالڪ، آءٌ پنهنجي دل جي بدولت مشهور هوس، ۽ اي منهنجا مالڪ، آءٌ حق گوئيءَ سان موصوف هوس.

* اي رب، تون ان وقت کان آهين، جڏهن پيو ڪو به نور ڪونه هو، جنهن مان روشني حاصل ٿئي ها ۽ زماني جي تاريڪي ختم ٿي سگهي ها.

* اي منهنجا مالڪ، تو اسان انسان ذات جي پرورش ٻيءَ مخلوق کان نرالي نموني سان ڪئي — اهڙي نموني سان، جيڪو وهم ۽ گمان ۾ به اچي نٿو سگهي.

* جيڪو به، ڪنهن ٻيءَ شيءِ سان، خدا جي تشبيهه ۽ مثال ڏيڻ جو ارادو ڪري ٿو، اهو عاجزيءَ سبب حيران رهي ٿو.

* تون سنڌس قدرت جي موج کي بلند مقامن تي ڏسندين — اهڙي موج جيڪا رڪيل هوا جي عمل کي به متحرڪ بنائي ٿي.

* اهڙي شخص کي ڇڏي ڏي، جيڪو حق جي معاملن ۾ جهڳڙو ڪري ٿو ۽ انهن ۾ شبهو ڪري ٿو، ڇاڪاڻ ته جيڪو به اُئين شڪ ڪري ٿو، تنهن جي راهه تي آفت نازل ٿئي ٿي.

* دوست نواز سان دوستي رک — اهڙي دوست سان، جيڪو پنهنجي اڳواڻ سان وفادار رهي ٿو ۽ چڱين خوبين ۾ پنهنجي اڳواڻ کان متاثر رهي ٿو.

* رهنمائي ڪندڙ، پنهنجي هدايتن ڏيڻ سبب، دنيا ۾ مشهور ٿي ويو، ايتري قدر جو هو آسمان جي مٿان به خوشحال رهندو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڏيڻ مخلوق کان بي‌نياز ٿيءُ. رب پاڪ تي توڪل ڪر، ڇاڪاڻ ته سچي تي توڪل ڪرڻ سبب ڪوڙي کان بي‌نياز رهندين.

* خدا جي فضل مان رزق جي تلاش ڪر، ڇاڪاڻ ته خدا کان سواءِ ٻيو ڪو به رزق ڏيڻ وارو نه آهي.

* جنهن کي اها بدگماني آهي ته رزق سندس پنهنجي اختيار ۾ آهي، ته پوءِ اُن کي ڄڻڪ پنهنجي رب تي ڪو به ڀروسو نه آهي.

* جيڪڏهن ڪو چوي ته انسان مون کي غني ڪري سگهي ٿو، ته هن ڄڻڪ پنهنجي ٻنهي پيرن سان، زبردست اُچي مقام تان، لغزش کاڌي.

(١٥٤)

* جيڪڏهن عقل ۽ سچائيءَ سان دولت حاصل ٿي وڃي ها، ته منهنجو تعلق آسمان جي ستارن سان هجي ها.

* پر، جنهن کي عقل جي روزي ملي آهي، سو دولت کان محروم آهي، ڇاڪاڻ ته اهي ٻئي هڪٻئي جا متضاد آهن.

(١٥٥)

* آءٌ صرف انهيءَ تي مطمئن آهيان، جيڪو رب پاڪ منهنجي مقدر ۾ ڏنو آهي. مون پنهنجو معاملو خدا پاڪ جي سپرد ڪري ڇڏيو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* تحقيق رب پاڪ ڳنڍريل معاملن ۾ اسان تي احسان ڪيو آهي ۽ اينڌڙ معاملن ۾ به هو احسان ڪندو.

(١٥٦)

* آءٌ جتي به رهان، منهنجو علم مون ساڻ رهندو ۽ منهنجي دل آن جو تڪاڻو آهي، نه ڪو پيو خالي برتن يا ڪا صندوق.
* جيڪڏهن آءٌ وطن ۾ رهان ته به علم مون ساڻ گڏ رهندو، يا جيڪڏهن ٻاهر وڃان ته اهو مون سان ٻاهر به گڏ هوندو.

(١٥٧)

* آءٌ ڏسان ٿو ته دنيا عنقريب وڃڻ واري آهي ۽ تڪا قدم ڪٽي وستي وڃڻ واري آهي.
* دنيا ڪنهن به زنده رهڻ واري لاءِ قائم رهڻ واري نه آهي، ۽ نه وري ڪو زنده رهڻ وارو دنيا ۾ باقي رهندو.

(١٥٨)

* مون کي افسوس آهي دنيا تي ۽ ان جي اسبابن تي، چاڪاڻ ته اهي رنج ۽ غم لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن.

(١٥٩)

* مون سير ڪيو، انهيءَ لاءِ ته جيڪو شخص ملي، ان کان پڇان ته هنن انسانن ۾ ڪو سچو دوست آهي؟
* ماڻهن چيو ته ٻه شيون نادر ۽ ناياب آهن: هڪ سچو

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوست ۽ ٻيو سيمرغ جو آنو.

(۱۶۰)

انسان جو عاجز يا بيوس هئڻ، ادراڪ جي ذريعي معلوم ٿي سگهي ٿو، پر پروردگار جي راز معلوم ڪرڻ جي ڪوشش به شرڪ ۾ داخل آهي.

(۱۶۱)

* هر انهيءَ ڪم ۾، جيڪو توهان لاءِ باعث غم آهي، رب پاڪ ڪافي آهي. اُن ڪان سواءِ ٻيو ڪو به (مددگار) نه آهي. سو، پنهنجي همت کي بلند رکو.

(۱۶۲)

* اي منهنجا پروردگار، مون صرف تنهنجي طرف ۽ صرف تنهنجي طرف ئي رخ ڪيو آهي. اُٿ پنهنجي دلي خواهش سان، تنهنجي رضا جو متلاشي آهيان.

(۱۶۳)

* فرض ڪر ته دنيا تنهنجي موافق آهي. ته ڇا، تو وٽ موت ڪونه ايندو؟

* تون دنيا سان رهي ڇا ڪندين، جڏهن ته اُن جو ميل اڏ راهه جو سنگ به تنهنجي لاءِ ڪافي آهي.

(۱۶۴)

* تون پنهنجي سيني کي موت لاءِ مضبوط بناءِ، ڇاڪاڻ ته

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت تو وٽ ضرور ايندو. موت کان ان وقت به نه گهٻراءِ، جڏهن تنهنجي آسپاس اچي پهچي.

(١٦٥)

* جنهن کي ڪميڻيءَ دنيا فريب ڏنو، ان بيشڪ نقصان پاتو. اها اهڙي شيءِ آهي، جيڪا زماني وارن کي فائدي سان گڏ نقصان به پهچائي ٿي.

* دنيا اسان وٽ خوشنما عورت جي لباس ۾ آئي. ان جي آرائش سندس عادتن جهڙي آهي.

* تڏهن مون ان کي چيو: ”مون کان سواءِ، ڪنهن ٻئي کي وڃي ڌوڪو ڏي، ڇاڪاڻ ته آءٌ تو کان ڪناره ڪش آهيان. مرد آهيان، نادان نه آهيان.“

* فرض ڪريو ته دنيا اسان وٽ خزاني ۽ جواهرات سان آئي، ۽ ان ۾ قارون جو سمورو خزانو ۽ قومن جي بادشاهت به هئي:

* ته ڇا، اهي سڀ شيون فنا جي طرف ڪونه موٽنديون؟

* تنهنڪري، اي دنيا، مون کي ڇڏي، ڪنهن ٻئي کي وڃي دوکو ڏي، ڇاڪاڻ ته آءٌ بيتعلق آهيان هر انهيءَ شيءِ کان، جيڪا تو وٽ آهي، يعني تنهنجي عزت، بادشاهت ۽ عطا کان.

* بيشڪ، منهنجي نفس صرف ايتري قناعت ڪئي، جيتري مقدر ۾ لکيل هئي. دنيا، تنهنجو ۽ تنهنجي مشڪلاتن جو حال يڪسان آهي.

* آءٌ خدا جي سامهون قيامت جي ڏينهن وڃڻ کان ڊڄان

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو. ۽ اهڙي عتاب کان بہ ڏڄان ٿو، جيڪو تيو تہ ڪڏهن بہ ڪونہ گهٽبو.

(۱۶۶)

* دنيا هلندڙ سايي مثل آهي، يا ان مهمان وانگر آهي جيڪو هڪ رات ترسي هليو ويندو.
* يا انهيءَ خواب وانگر آهي جيڪو سمهڻ وارو ڏسي ٿو، يا انهيءَ کنوڻ وانگر آهي جيڪا چمڪو ڏيئي وڃي ٿي.

(۱۶۷)

* اي دنيا جي معاملن ۾ مشغول شخص، بيشڪ توکي دنيا جي اميدن دوکو ڏنو آهي. پر موت اوچتو اچي وڃي ٿو ۽ قبر طويل اميدن جي صندوق آهي.
* تون هميشہ غفلت ۾ مبتلا آهين — ايتري قدر، جو موت تو وٽ اچي پهتو آهي!

(۱۶۸)

* فرض ڪر تہ دنيا، افراط مال سان گڏ، تو وٽ ڏڪبي اچي ٿي. پوءِ چا، ان کي فنا جي طرف موٽڻو نہ آهي؟
* اهڙيءَ شيءِ ۾ توکي ڪهڙي اميد آهي، جيڪا پاڻ رهڻي نٿي نہ آهي. بيشڪ، دنيا جون راهون ڪيس بدلائي ڪري ڇڏينديون.

(۱۶۹)

* جيڪڏهن تون دنيا کي نفيس ٿو سمجهين، تہ خدا جي ثواب

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو درجو تہ ان کان بہ وڏيڪ بلند ۽ برتر آهي.

* جڏهن تہ انسان جا بدن موت لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن، تنهنڪري انهن جو خدا جي راهہ ۾ تلوار سان قتل ٿيڻ زياده بهتر آهي.

* جڏهن تہ سمورو مال فنا ٿيڻ لاءِ آهي، تہ پوءِ ڪهڙي ضرورت آهي جو اهڙي مال لاءِ ايترو بخل ڪجي.

(١٧٠)

* دنيا مون کي فريب ڏيڻ چاهي ٿي، ڇڪ آءٌ ان جي حال کان غير واقف آهيان. آءٌ تہ ان جي حرام خواه حلال کان پرهيز ڪريان ٿو.

* دنيا پنهنجو ڪاپو ۽ ساڄو هٿ مون ڏانهن ڊگهيريو، پر مون انهن کي ٺڪرائي ڇڏيو.

(١٧١)

* انسان سٺ سالن تائين زنده رهي ٿو. ان مان اڌ عمر تہ راتين ۾ گذري وڃيس ٿي.

* سندس عمر جو چوٿون حصو ائين گذري وڃي ٿو، جو هو ساڄي ۽ کابي هٿ ۾ امتياز ڪري نٿو سگهي.

* ٽئين حصي ۾، هو اميدون ۽ لالچون ڪري ٿو. ان حصي ۾ ڏنڊي ۽ اهل عيال جو دخل آهي.

* عمر جي باقي حصي ۾ بيمارين ۽ پيري آهي ۽ ڪوچ ڪرڻ جو ارادو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* اهڙيءَ طرح، انسان جي وڏيءَ عمر لاءِ خواهش محض بي سمجهي آهي. هن جي عمر جي ورهاست ته اڃا ائين آهي.

(۱۷۲)

* زمانو گذري ويو ۽ ان جا ڏينهن به گذري ويا. ان جي عرصي جا صرف گناهه ئي رهجي ويا آهن.

* دنيا ۾ تنهنجي خوشي محض غرور ۽ حسرت آهي ۽ تنهنجي زندگي مشڪل ۽ ٿوري آهي.

* دنيا مان سفر جو سامان ٻڌي ڇڏ، جو توکي سفر ڪرڻو آهي. جلدي ڪر، ڇو ته موت اچڻ وارو آهي.

* جاڻي ڇڏ ته دنيا سوار جي منزل کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي، جنهن شام جو اُت هشايو ۽ صبح جو ڪوچ ڪيو.

(۱۷۳)

* سڀني ھنڌن جي شڪايت نه ڪر، ڇاڪاڻ ته ڪمزور کي ڇڏيو ويندو آهي ۽ ٿلهو ذبح ڪيو ويندو آهي.

* پنهنجي دل کي تواضع جو نڪاتو بناءِ، ڇاڪاڻ ته تحقيق شريف ماڻهوءَ لاءِ تواضع خوبيءَ جو باعث آهي.

* ۽ جڏهن توکي قوم جي معاملن ۾ هڪ رات لاءِ به نگران بنايو ويو آهي، ته ياد رک ته انهيءَ قوم جي باري ۾ توکان پڇاڻو ڪيو ويندو.

* ۽ جڏهن تون ڪنهن جنازي کي قبر جي طرف نيڻ لاءِ کڻين، ته هي جاڻي ڇڏ ته ان کان پوءِ توکي به کنيو ويندو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* اي سهڻيءَ ۽ منقش قبر جا پوڄيندڙ، شايد هن قبر ۾ اهو گردن ۾ اهي هٿ پوريل هجن، جن کي قبر جو رنگين هئڻ ڪوبہ فائدو ڪونہ ڏيئي سگهي ۽ انهن تي عذاب جي زنجيرن جا ڳورا بند لڳل هجن.

* اهل دنيا جي نعمتن ۽ بادشاهت تي قريب نہ ڪاءِ، ۽ ان تي چريو نہ ٿيءُ، ڇاڪاڻ تہ بادشاهت ۽ نعمت ٻنهي کي فنا ۽ زوال آهي.

(١٤٣)

* ٿوري نہ عمدي آهي دنيا ۽ ان جو اقبال، جڏهن ان جو حاصل ڪندڙ خدا جي اطاعت ڪندڙ آهي.

* جيڪو شخص پنهنجي دولت سان ماڻهن جي غمخواري نٿو ڪري، اهو جيڪ دنيا جي اقبال کي ذلت ۽ خواريءَ سان پيش اچي ٿو.

* تنهنڪري، اي سڌريا، دولت ڪان پرهيز ڪر ۽ پنهنجي دنيوي مال مان اهڙي شخص کي ڏي، جيڪو سوال ڪري.

* انهيءَ ڪري، جو بيشڪ خدا عرش جو صاحب ۽ ڪثيرالعطا آهي. هڪ داڻي جي عيوض، ان جهڙا هو پيا ڪيترا ئي داڻا وڌائي ٿو.

* مون ڏٺو آهي اهڙن دولت وارن کي، تہ هنن شڪرگذاريءَ جي طرف توجہ ڏنو ۽ دولت انهن ڏانهن رخ ڪيو.

* انهن پنهنجي مال سبب ۽ ڪنجوسيءَ ڪري، دنيا تي تڪبر ڪيو ۽ انهيءَ مال کي قلفن ۾ بند رکيو.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* جيڪڏهين هو ٻه نعمتن جو شڪر ادا ڪن ها ته ڪين انهيءَ شڪرگذاريءَ جو ڏهه ڀيرا بدلو ملي ها.

(٢٧٥)

* اهي جبلن جي چوٽين تي رهندا هئا ۽ قوي ۽ طاقتور ماڻهو انهن جي نگراني ڪندا هئا - پر جبل جي چوٽيءَ به انهن کي ڪو فائدو ڪونه پهچايو.

* ۽ اهي پنهنجي پناهگاهن تان هيٺ قبرن ڏانهن لاٿا ويا - اها جڳهه لهڻ لاءِ ڪيتري نه بري آهي.

* انهن جي دفن ٿيڻ کان پوءِ، انهن جي پٺيان آواز ڪندڙن پڪاريو ته "هاڻي اهي تخت، تاج ۽ شاهي خلعتون ڪٿي آهن.

* "اهي چهرا ڪٿي آهن، جيڪي جاهه ۽ جلال جي پردي ۾ رهندا هئا ۽ انهن جي سامهون پردا لٽڪيل هوندا هئا."

* جڏهن قبر کي سوال ڪيو ويو، ته اُن قبر واري جا حالات کولي ڏنا. اِها ئي شيءِ آهي، جنهن تي هاڻ ڪيڙا مڪوڙا پيا گهمن.

* انهن تي عذاب جي مدت ڊگهي ٿي ويئي، جيڪاڻ ته انهن دنيا ۾ رڳو کاڌو ۽ پيتو. پوءِ اُن کائڻ پيئڻ جي ڊگهي عرصي کان پوءِ آهي خود کاڄي وڃڻ وارا ٿي پيا.

* انهن، ڊگهي عرصي تائين، مال حاصل ڪيو ۽ جمع ڪيو، پوءِ اهو دشمنن لاءِ ڇڏي ويا ۽ پاڻ به رمندا رهيا.

* اڪثر ماڻهن ڊگهيون ماڙيون تعمير ڪرايون هيون ته اهي کين محفوظ رکي سگهنديون. پوءِ انهن، انهن اهڙين جڳهن

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان علحدگي اختيار ڪئي، ۽ پاڻ ئي آڌان تڪري ويا.
* انهن جون جايون خالي رهجي ويون ۽ خوفناڪ ٿي پيون ۽ انهن جاين ۾ اهي رهڻ وارا قبرن ۾ پهچي ويا.
* خلافت جي صاحبن ڪان پڇ، ته جڏهن موت آيو، ته انهن جون فوجون، گهوڙي سوار، گهوڙا، نوڪر چاڪر سڀ ڪيڏانهن ويا.
* هاڻي اهي خزانا ڪٿي آهن، جن جون ڪنجيون به هيون، ۽ اهي طاقتور ساٿهن ڪي به، ڪٽڻ وقت، ٽڪائي وجهنديون هيون.
* اهي نوڪر ڪٿي آهن، جن کي تون سامان سان گڏ ساڻهون رکندو هئين، ۽ اهي انهن جون تلوارون ۽ نيزا هاڻي ڪٿي آهن.
* ڪٿي آهن اهي نوجوان گهوڙي سوار ۽ پيادا. انهن آخر ڇا ڪيو. ڪٿي آهن اهي تلوارون، نيزا ۽ باريڪ تير.
* اهي مددگار جماعتون ڪٿي آهن. اهي پنهنجي مالڪ لاءِ مددگار ٿي ڇو نه سگهيون، جڏهن ته هو زمين تي پيو رهيو ۽ دانهون ۽ فرياد ڪندي پئي ڏنائونس.
* اهي بهادر مرد ڪٿي آهن، جيڪي غصي جي حالت ۾ بگڙي ويندا هئا. اهي حمايت ڪرڻ وارا ڪٿي آهن، جن جي ذريعي هو پنهنجن دوستن جي نگراني ڪرائيندا هئا.
* اهي تيرانداز ڪٿي آهن، جڏهن ته تو وٽ موت جا تير اڏامندا اچي پهتا آهن.
* رشتن به موت کي ڪونه روڪيو، ۽ موت وقت، جادوءَ ۽

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تدبيرن سان به ڪو فائدو ڪونه پهتو.

* اِنهن عزيزن نه تنهنجي ڪا مدد ڪئي ۽ نه وري سوالات ۽ توکي موت جي حوالي ڪري ڇڏيائون. تنهنجي اعمالن سبب، جن جو تون مرتڪب هئين، ڇا حال آهي تنهنجي قبر جو. هاڻي ته اتي ڪو به ڪونه ايندو ۽ نه وري ان جي پير ۾ ڪو ماڻهو ڦرندو.

* تنهنجي يادگيريءَ جو ڇا حال ٿيندو. توکي ته متروڪ ۽ فراموش ڪيو ويندو. هاڻي ته اهي سڀ تنهنجي مال جي تقسيم ۾ مشغول آهن.

* هاڻي تنهنجي محل جو ڇا ٿيندو. اهو زبون ۽ هيبتناڪ ٿي ويندو، ۽ انهيءَ تي ڪو به افسوس ڪونه ڪائيندو. ان کي چئني طرفن کان خوف ۽ هراس گهيري ويندو.

* انهيءَ امر کان انڪار نه ڪر ته ’دنيا ڪنهن بادشاهه وٽ به قائم ڪانه رهندي.‘

* اهڙو شخص ابديءَ حيات جو اميدوار ڇو آهي، جڏهن ته سندس روح موت جي رسين ۾ ڦڪيل آهي؛

* ۽ سندس جسم موت جي تيرن جو نشانو بڻيل آهي ۽ ان جي بادشاهت ان کان زائل ٿيڻ واري ۽ منتقل ٿيڻ واري آهي.

(١٤٦)

* طويل عمر لاءِ ڪا به راهه نه آهي. منهنجي ۽ موت جي وچ ۾ ڪا به شيءِ حائل نه آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* منهنجو موت سان همڪشين ۽ ساٿي ٿي وڃڻ هڪ يقيني ڳالهه آهي.
* زماني جو حال مختلف آهي، جيڪو صبح ۽ شام آهو ڪري ٿو. انهن حالتن ۾ به، جيئري بت ۾ روح ۽ رت ته جاري آهي.
* حق جي منزل اها آهي، جنهن کان وڌيڪ بلند ٻيو ڪو به مقام نه آهي. هر هڪ شخص لاءِ، انهيءَ منزل طرف هڪ رستو کليل آهي.
* اڄ زماني جي بيمارين کي ڏسان ٿو ته اهي بيشمار آهن. ۽ دنيا جو رهواسي موت جي اچڻ تائين بيمار رهندو آهي.
* اڄ البت اهڙي شخص جو مشتاق آهيان، جنهن کي پنهنجو محبوب سمجهندو آهيان. منهنجي لاءِ ان ذاتهن ڪو رستو آهي، جنهن ذاتهن اڄ مائل آهيان.
* ڀڏائڻ وارن جدائيءَ جي باري ۾ ڪيترا ئي داستان بيان ڪيا آهن، پر اڄ اهي داستان جدا ٿيڻ ۽ لڏڻ وقت بيان ڪندس.
* ٻن دوستن جي وچ ۾ جدائيءَ جو اچڻ لازم امر آهي.
* بيشڪ، رسول الله کان پوءِ، بي بي فاطمه جو جدا ٿيڻ انهيءَ ڳالهه جو ثبوت آهي ته ڪو به محبوب هميشه نه رهندو آهي.
* ان جي وڃڻ کان پوءِ، منهنجي زندگي ئي ڇا آهي؟ تنهنجي زندگيءَ جو قسم، هيءَ جدائي اهڙي آهي، جنهن جو ڪو چارو نه آهي.
* جڏهن منهنجي زندگي به ختم ٿي ويندي، ته بيشڪ روئڻ

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن جو روئڻ کي ٿورا ڏينهن رهندو.

* بيشڪ، هر جوان اها خواهش ڪندو آهي ته منهنجو دوست ڪڏهن به نه مري. پر، جنهن ڳالهه جي هو خواهش ڪندو آهي، ان ڏانهن هن لاءِ ڪو به رستو ڪونه آهي.

(١٤٧)

* اڄ انهيءَ مهمان (نئين چاول بار) جو آدر ڀاءُ ڪريان ٿو، جيڪو نازل ٿئي ٿو؛ ۽ انهيءَ دوست کي خدا جي حوالي ڪريان ٿو، جيڪو انتقال ڪري وڃي ٿو.

* جوانيءَ منهن موڙيو، ڇڪ اها هئي ئي ڪانه. پيري نازل ٿي، ڇڪ اها هميشه کان ئي هئي.

* پيري ڇڪ صبح وانگر ظاهر ٿي، پر جواني چوڏهينءَ جي چنڊ مثل آهي، جا غائب ٿي ويئي.

* خدا پيري ۽ جواني آرام سان گذاري! هو ئي ڪهڙو نه بهتر مولا آهي، ۽ اهو ئي سندس ڪهڙو نه عمدو معاوضو آهي.

(١٤٨)

* سياڻي ماڻهوءَ، مصيبتن جي اچڻ کان اڳ، پنهنجي ذهن ۾ انهن جو تصور ڪري ڇڏيو آهي.

* هاڻي، جيڪڏهن اها مصيبت اوچتو اچي ٽٽندي، ته ان جو ڪو به خوف ڪونه ڦيندس، ڇاڪاڻ ته هن جي نفس ۾ ان مصيبت جو خيال اڳ ئي موجود هو.

* هن اهڙي ڪم کي ڏٺو آهي، جيڪو نتيجي تائين پهچي

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڪو آھي. بس، ھن جي ابتدا خاتمي کي وڃي پھتي.

* جاھل ماڻھو پنھنجا ذينھن امن امان ۾ سمجھندو آھي، ۽ انھن مصيبتن کان غفلت ۾ رھندو آھي، جيڪي گذري ويندڙيون آھن.

* جيڪڏھن زماني جو انقلاب، ڪجھہ مصيبتن سان گڏ، اوچتو اچي پھچي، تہ ھو دانھون ڪندو آھي.

* جيڪڏھن ھن اھڙي وقت پنھنجي ھوشياريءَ کان ڪم ورتو، تہ پوءِ اھا ئي ھوشياري کيس انھن مصيبتن ۾ صبر ڪرڻ سيکاريندي.

(١٧٩)

* جيڪڏھن سڀ مصيبتون گڏ ڪيون وڃن، تہ انھن ۾ بدترين آفت بخل آھي. ۽ بخل کان وڌيڪ بري آفت وعدي خلافي ڪرڻ ۾ آھي يا ان جي وفا ۾ دير ڪرڻ ۾ آھي.

* اھو وعدو بھتر نہ آھي، جنھن ۾ ڪوڙ شامل ھجي؛ ۽ اھڙي قول ۾ بھتري نہ آھي، جيڪو عمل ۾ نہ اچي.

* جيڪڏھن تون عقلمند ۽ عالم نہ آھين، تہ تنھنجو مثال اھڙي ماڻھوءَ جھڙو آھي، جنھن کي جتي تہ آھي، پر پير ڪونہ اٿس.

(١٨٠)

* جيڪڏھن علم صرف آرزو ڪرڻ سان ئي حاصل ٿي وڃي ھا، تہ دنيا ۾ ڪو بہ جاھل نہ رھي ھا.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* ڪوشش ڪندو رهه، ڪاهلي نه ڪر، غفلت نه ڪر، ڇاڪاڻ ته غفلت ڪرڻ واري لاءِ آخر ۾ ندامت آهي.

(١٨١)

* اسين پاڻ ۾ خدا جي طرفان ڪيل ورهاست تي رضامند آهيون ته اسان جي لاءِ علم آهي ۽ دشمنن ۽ جاهلن لاءِ مال آهي :
* ڇاڪاڻ ته مال لاءِ زوال ۽ فنا جلد اچڻ واري آهي ۽ علم باقي رهڻ وارو آهي ۽ ڪڏهن به زائل نه ٿيندو.

(١٨٢)

* بيشڪ، بي‌نياز اهو آهي، جيڪو دل سان بي‌نياز هجي. ۽ اهو بي‌نياز نه آهي، جيڪو مال سان بي‌نياز هجي.
* اهڙيءَ طرح، ڪريم اهو آهي، جيڪو پنهنجي اخلاق سبب ڪريم هجي؛ ۽ اهو ڪريم نه آهي، جيڪو صرف پنهنجي قوم ۽ اولاد لاءِ ڪريم هجي.
* اهڙيءَ طرح، فقيه اهو آهي، جيڪو پنهنجي حال جو فقيه هجي، ۽ اهو فقيه نه آهي، جيڪو قول ۽ گفتار جو فقيه هجي.

(١٨٣)

* بي‌موقعي، زياده گفتگو نه ڪر، ۽ خاموشيءَ کي هميشه قائم رک، جيڪا عقل کي زينت بخشڻ واري آهي.
* جوانمرد ۽ پهلوان به پنهنجي زبان جي لغزش سبب مري

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڃي ٿو، حالانڪ قدم جي لغزش سبب هو ڪونہ ٿو مري.
* تون پريشان نہ ٿيءُ ۽ پنهنجي قول جو پردو فاش نہ ڪر؛ ڇاڪاڻ تہ تون پنهنجي قولن جي لغزش سبب زياده دشمن پيدا ڪري وٺندين.

(١٨٤)

* جڏهن تون غني ٿي ويندين، تہ ماڻهو تنهنجي عزت ڪندا، بشرطيڪ پنهنجي مال کان بي‌نياز هجين؛ ڇاڪاڻ تہ هرڪ غني ۽ بي‌نياز ماڻهن جي نظرن ۾ باعزت هوندو آهي.
* بي نيازي ماڻهن کي زينت بخشيندي آهي. جيڪو رات جو مهمان نوازي ڪري ٿو ۽ ڏينهن جو بخشش ڪري ٿو، اهڙو ماڻهو ڪڏهن بہ محتاج نہ ٿيندو آهي.
* غني ۽ بي‌نياز ڪڏهن بہ بخيل نہ هوندو.

(١٨٥)

* پنهنجي نفس جي سنڀال ڪر ۽ ان کي اهڙيءَ شيءِ لاءِ آماده ڪر، جيڪا هن کي زينت بخشي. تون سلامتيءَ سان زندگي بسر ڪر، تہ تنهنجي لاءِ ماڻهن جي گفتگو بهتر رهي.
* ماڻهن ۾ صرف خوبيون ڳول، پوءِ چاهي زمانو توسان موافق رهي، يا دوست توتي جفا ڪري.
* جيڪڏهن اڄ تنهنجي روزيءَ ۾ ڪمي ۽ تنگي آهي تہ صبح تائين صبر کان ڪم وٺ. شايد صبح تائين زماني جون تڪليفون توکان دور ٿي وڃن.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* غني دل وارو شخص بلند مرتبي وارو به هوندو آهي، خواه سندس دولت ٿوري ئي ڇو نه هجي.
* ان ماڻهوءَ جي اندر ۾ چڱائي نه هوندي، جنهن جي طبيعت رنگ مٽائيندي رهي ٿي: ڇاڪاڻ ته جڏهن هوا ڦري ٿي، ته پوءِ اهڙي طبيعت هر طرف مڙي سگهي ٿي.
* جڏهن تون دنيوي مال ونڃڻ کان بي پرواهه هوندين، ته تون غني رهندين. دل جي سچائي بخل آهي.
* جيڪڏهن تون گهٽ تي اچين ته ماڻهو ته ڪيترا ئي آهن، البت آزمائش جي وقت آهي تمام ٿورا ٿي پوندا.

(١٨٦)

* جيڪڏهن تون تنگدست به ٿي وڃين، ته به بيقرار نه ٿيءُ، ڇاڪاڻ ته تو ڪافي عرصي تائين ڪشاده دستيءَ ۾ گذاريو آهي.
* خدا کان نا اميد نه ٿيءُ، ڇاڪاڻ ته ان کان نا اميد ٿيڻ ڪفر آهي. شايد ٿوري وقت ۾ رب تو کي مالدار بڻائي ڇڏي.
* پنهنجي پروردگار لاءِ بدگمان نه ٿيءُ، ڇاڪاڻ ته هو نيڪيءَ ۽ بديءَ کان بي‌نياز آهي.
* تو اهو ڪونه ڏٺو آهي ڇا ته تنگيءَ کان پوءِ ڪشادگي اچي ٿي؟ ان لاءِ خدا جو قول سچو ۽ درست آهي.

(١٨٧)

* آءٌ وقت بوقت ماڻهن کي آزمائيندو رهيو آهيان. مون ڏٺو ته متڪبر ماڻهو پنهنجي مال سبب ئي مغرور آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* مون شين جي ڪڙاڻ کي چڱيءَ طرح چکيو آهي. سوال ڪرڻ جي تلخيءَ کان وڌيڪ تلخي ٻيءَ ڪنهن به شيءِ ۾ نه آهي.

(١٨٨)

* منهنجي نزديڪ، ڪنهن جبل تان ڳوري پٿر جو هيٺ لاهڻ بهتر ۽ سهل آهي ماڻهن جي احسان کڻڻ کان.
* ماڻهو چون ٿا ته پورهئي ڪرڻ ۾ عار آهي. آءٌ چوان ٿو ته سوال ڪرڻ جي ذلت ۾ عار آهي.

(١٨٩)

* آءٌ دنيا جي اڳيان، ان جي احسان کڻڻ خاطر، پيش ڪونه ٿو پوان، ۽ عزت جي مرتبي جي عيوض ذلت کي ملهه ڪونه ٿو ڳنهان.
* آءٌ شرميليءَ ۽ سياهه اک کي ٿي نيڪ سمجهان ٿو. ان کي سرمي جو احسان نه کڻڻ گهرجي.

(١٩٠)

* منهنجو گهر مسافرن جي پناهه آهي، جتي ڪو به پليل پنڪيل خود بخود اچي سگهي ٿو. منهنجو توشو ان شخص لاءِ جائز آهي، جنهن کي ان جي گهرج آهي.
* مون وٽ جيڪو ڪجهه موجود آهي، اهو آءٌ پيش ڪريان ٿو، پوءِ چاهي اهو ساڻيءَ ۽ سرڪي کان سواءِ ٻيو ڪجهه به

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ هجي:

* وڏي مرتبي وارو ۽ شريف ماڻهو تہ اهڙيءَ شيءِ تي راضي رهندو، پر ڪميڻي ماڻهوءَ لاءِ اهو وبالُ آهي.

(۱۹۱)

* باهمت شخص جو فقيري حالت ۾ صبر ڪرڻ کيس عالي مرتبت بنائي ڇڏي ٿو، پر بي همت، صبر کي ڇڏي، پنهنجي عزت کي برباد ڪريٰ ٿو ۽ پاڻ کي ذليل بنائي ڇڏي ٿو.

* باهمت شخص لاءِ ٿوري روزي بہ ڪافي آهي، ڇاڪاڻ تہ فقط پکي لاءِ صرف هڪ داڻي ئي ڪافي خوراڪ آهي.

(۱۹۲)

* آءٌ اهو آهيان، جنهن جي سموري عزت خدا جي فضل ۽ ڪرم سان قائم آهي — شروعات کان وٺي آخر تائين هو منهنجي عالي مرتبي جو نگهبان آهي.

* جڏهن ڪو نادار ساٿي مون سان گڏ رهي ٿو تہ آءٌ هن کي پنهنجو توشو اچيان ٿو تہ جيئن هو ڏوُ ڪري ڪائي.

* جڏهن ڪو شخص مون وٽ ڪنهن تڪليف جو فرياد ڪندي اچي ٿو تہ آءٌ روشن ستاري وانگر تيزيءَ سان ان جي فرياد رسيءَ لاءِ پهچان ٿو.

* آءٌ پاڙيسرين کي پنهنجي عيال مان تصور ڪريان ٿو، ڇاڪاڻ تہ هنن، پين ڪهرن کي ڇڏي، منهنجي گهر کي پنهنجي لاءِ پاڙي طور منتخب ڪيو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* مون پنهنجي طرفان پوريءَ ذميواريءَ سان اهڙن پاڙيسرين جي حفاظت ۽ سندن اهل عيال جي نگراني ڪئي ۽ ان ۾ ڪا به دوکيبازي نه ڪئي.

(۱۹۳)

* آءٌ فراق جي راتين کي خوشيءَ سان پسند ڪريان ٿو، ڇاڪاڻ ته انهن کان پوءِ وصال جو زمانو اچي ويندو.
* آءٌ وصال وارن ڏينهن کي بهتر ڪونه ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ ته ڏسان ٿو ته هر چيز زوال جي طرف مائل آهي.

(۱۹۴)

* آءٌ سندس عذاب کان ڏڄان ٿو ۽ سندس بخشش جو اميدوار آهيان. مون کي يقين آهي ته هو حاڪم ۽ منصف آهي.
* جيڪڏهن هو بخشي ڇڏي، ته اهو سندس لطف ۽ ڪرم آهي. ۽ جيڪڏهن عذاب نازل ڪري، ته بيشڪ آءٌ ان جو مستحق آهيان.

(۱۹۵)

* خدا جي پناهه ٿو پنان ان وقت لاءِ، جڏهن قيامت ايندي ۽ زمين زلزلي سبب جنبش ڪندي:
* پهاڙ تيزيءَ سان هلڻ لڳندا، جيئن ڏون ڪڪرن جي تيزيءَ جو حال ڏسين ٿو.
* صور ڦوڪجڻ جي صدمي سبب، زمين ڦاٽي پوندي. ان وقت

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين پنهنجي پوچ يعني انسانن کي ٻاهر ڪڍندي.

* زمين پنهنجا احوال پروردگار تائين پهچائيندي. تحقيق، تنهنجي پروردگار ان جي مٿان وحي نازل ڪيو هو.

* هر هڪ چيز پنهنجي جاءِ تان ظاهر ٿيندي ۽ سڀ ننڍا وڏا، پوڙها جوان، گڏ ٿيندا.

* هر هڪ ماڻهو پنهنجي اعمالن کي اتي موجود ڏسندو، جيتوڻيڪ انهن جو وزن محض هڪ ذري جيترو ڇو نہ هجي:

* رب قادر ان جو حساب ڪندو — پوءِ اهو حساب يا تہ هن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندو يا فائديمند.

* ان وقت، تون ماڻهن کي، بغير شراب پيئڻ جي، نشي واريءَ حالت ۾ ڏسندين، ۽ اڪ انهن حالتن جو نظارو پسندي، جيڪو ان دهشت ۽ خوف جي وقت آن جي سامهون هوندو.

* جڏهن آءٌ قيامت ڏينهن اٿاريو ويندس، تہ منهنجا گناهہ منهنجي لاءِ هڪ بلا مثل هوندا ۽ منهنجي لاءِ ڪو بہ چارو ڪونہ هوندو.

* آءٌ ان وقت کي وساري ويٺس، جنهن لاءِ صد افسوس! مون نفس کي اهو ڪجهہ ڏنو، جنهن جي هن خواهش ڪئي.

(١٩٦)

* بادشاهن جو شڪار سهڻ ۽ لومڙيون هوندو آهي، پر جڏهن آءٌ سوار ٿيندو آهيان تہ منهنجو شڪار بهادر مرد هوندو آهي.

* جنگي شهسوار منهنجو شڪار آهن ۽ آءٌ جنگ جي وقت،

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦاڙيندڙ شينهن مثل هوندو آهيان.

(١٩٧)

* توهان لاءِ لازمي آهي ته ٽن شين کي لڪايو: شجاعت، علم ۽ دولت.

* ماڻهو انهن شين جا دشمن هوندا آهن، ۽ دشمن انهن شين جي زوال تي خوش ٿئي ٿو.

(١٩٨)

* انسان کي مجال نه آهي، جو هن جي راز جو ادراڪ ڪري سگهي. هو پلا ڪيئن الله جي قديم هئڻ جو ادراڪ ڪري سگهندو.

* هو خدا آهي ۽ هن سڀني شين کي پيدا ڪيو آهي. هو نئين ايجاد ڪرڻ وارو آهي. ڦنا ڏيڻ وارو انسان پلا ڪيئن انهن ڳالهين جو ادراڪ ڪري سگهندو.

(١٩٩)

* ڪيترا ئي عقلمند، سمجهدار ۽ دانا ماڻهو آهن، جيڪي مفلس ۽ بي يار و مددگار آهن؛

* ۽ ڪيترا ئي جاهل آهن، جن وٽ جهجهو ناڻو آهي: هيءُ مقرر ڪيل ورهاست خدا غالب ۽ دانا جي طرفان آهي.

(٢٠٠)

* زمانو محض سجاڳيءَ ۽ ننڊ کان وڌيڪ ڪجهه به نه آهي. سجاڳيءَ ۽ ننڊ جي وچ ۾ هڪ ڏينهن ۽ هڪ رات ٿيندي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* هڪ قوم زنده آهي ۽ هڪ قوم مري چڪي آهي. زمانو حڪم ميچڻ وارو آهي. ان تي ڪا به ملامت نه آهي.

(۲۰۱)

* جيڪو دنيا جي تعريف ڪري ٿو، سو اها تعريف انهيءَ عيش عشرت سبب ڪري ٿو، جيڪا کيس حاصل آهي. قسم آهي پنهنجي زندگيءَ جو ته عنقريب کيس غمگين ڏيٺو پوندو.
* جڏهن دنيا انسان جي سامهون اچي ٿي، ته اها فتنو بنجي اچي ٿي. جڏهن پوئتي هٽي ٿي، ته ان جو گهڻو افسوس ٿئي ٿو.

(۲۰۲)

* جڏهن تون ڪنهن نعمت ۾ آهين، ته ان جو لحاظ رک، چاڪاڻ ته گناهه نعمت کي دور ڪري ڇڏي ٿو.
* خدا جي شڪر ڪرڻ سان نعمت جي حفاظت ڪر. بيشڪ، خدا وڏو بدلو ڏيڻ وارو آهي.
* ڪٿي آهن اهي زماني جا سردار، جيڪي ان ۾ وڏا هوندا هئا. اهي سڀ فنا ٿي ويا، ۽ منهنجو پروردگار حاڪم آهي.
* تون مالدار هجين يا تنگدست، پر تنهنجي زندگي نيٺ به موت جي غم ۾ ختم ٿيندي.

(۲۰۳)

* ڪميڻن سان دوستي رکڻ کان باز رهه، ۽ بزرگن ۽

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شريف زادن سان دوستي قائم ڪر.

* زماني جي هڪ ڏينهن تي به ڀروسو نه ڪر. هن وسيع زماني جو نظام ڏاڳي جي تار مثل آهي.

* الله تي ئي اعتماد رک، جو هو برتر آهي ۽ وڏين نعمتن ۽ وڏي اجر جو مالڪ ۽ مختيار آهي.

* علم جي تلاش ڪر ۽ ان تي بحث ڪر. حرام ۽ حلال ۾ فرق ڪر.

* سختيءَ ۽ ترشيءَ سان گفتگو نه ڪر. پر اهڙي نموني سان گفتگو ڪر، جو رب راضي ٿئي.

* جيڪڏهن ڪو تو سان خيانت ڪري، ته به تون ان سان خيانت نه ڪر. ۽ هميشه پنهنجي ذات ۽ عزت جي حفاظت جو فڪر ڪر.

* ساٿين سان ڪينو ۽ بغض نه رک. عداوت ڪندڙن کي بخش ڪر، ته گناهن کان نجات حاصل ڪري سگهين.

(۲۰۴)

* آءٌ ڏسان تو ته آزاد انسان لاءِ احسان ڪرڻ هڪ ديني ڪم آهي، پر غلام ذهن جي ماڻهوءَ لاءِ اهو بار ۽ عيب آهي.

* بارش جا ڦڙا سپ جي پيٽ ۾ موتي ٿي پون ٿا، ۽ نانگ جي وات ۾ پهچي، زهر قاتل ٿي پون ٿا.

(۲۰۵)

* تون پنهنجو راز ڪنهن بزرگ ۽ صاحب ڪرم سان کول.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي شخص وٽ تنهنجو راز محفوظ رهندو.

* سون وٽ تنهنجو راز اهڙي دروازي اندر آهي، جو دروازو بند آهي، ۽ ان جي ڪنجي گم ٿي ويل آهي ۽ دروازي تي مهر لڳل آهي.

(٢٠٦)

* جڏهن تون اقتدار جو صاحب هجين، ته ان وقت ظلم نه ڪر، ڇاڪاڻ ته ظلم جو چراگاهه انسان کي ندامت ۾ وجهي ٿو.

* اي منهنجا پٽ، مظلوم جي دعا کان ڊڄ، ته جيئن اونداهين راتين ۾ تو وٽ ان جا تير نه اچي پهچن.

* جڏهن تون سمهيو پيو هوندو آهين، ته مظلوم بيدار هوندو آهي ۽ تنهنجي لاءِ بد دعا گهرندو آهي. ان وقت خدا جي اک به ننڊ ۾ نه هوندي آهي.

(٢٠٧)

* تون ماڻهن سان ٺٺول نه ڪر، ڇاهي هو توسان ٺٺول ڪن، ڇاڪاڻ ته سون اهڙيون قومون ڪونه ڏٺيون آهن، جن پنهنجي ٺٺول به ڪئي ۽ پوءِ به سلامت رهيون.

* اصل زخم ته زبان جو ٿيندو آهي، ۽ تون اها ڳالهه ڄاڻين به ٿو. اڪثر ڳالهيون ته اهڙيون به ٿينديون آهن، جن تي رت وهي هلندو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۰۸)

* اي أبيطالبؑ جيڪو پناهہ گهرڻ وارن لاءِ پناهگاهہ هئين، جيئن سالن جي قحط لاءِ بارش. تون اونداهين ۾ نور مثل هئين.
* بيشڪ، تنهنجو گهر تي وڃڻ، توکي ياد ڪرڻ واري لاءِ ذڪيو ثابت ٿيو. بيشڪ، تون مصطفيٰ لاءِ بهتر چاچو هئين.

(۲۰۹)

* اي سيد ڪريم جي ڌيءُ، فاطمہ، تون اهڙي نبيءَ جي ڌيءُ آهين، جو هو ڪڏهن بہ ڪنهن برائيءَ جو نشانو نہ ٿيو.
* تحقيق، الله تعاليٰ اڄ اسان وٽ اهڙي يتيم کي آندو آهي، جو جيڪو بہ ان تي رحم ڪندو، اهو رحيم هوندو.
* ان لاءِ وعدو ڪيل جڳهہ جنت آهي، جيڪا آرام جي جڳهہ آهي. الله اها جڳهہ نااهل تي حرام ڪري ڇڏي آهي.
* جيڪو بخل ڪرڻ کان محفوظ رهيو، اهو سلامتيءَ سان زنده رهندو، ۽ بخيل شخص ندامت ۾ ٻينو رهندو.
* ان جو بخل کيس دوزخ ۾ وجهندو، جتي سندس پيئڻ لاءِ پونءِ ۽ دوزخ جو گرم پاڻي هوندو.

(۲۱۰)

* خدا جو قسم، جاڻي ڇڏ تہ بيشڪ ظلم بري شيءِ آهي. برو انسان ئي ظلم ڪرڻ وارو هوندو آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* اهڙو شخص، قيامت جي ڏينهن، جزا ڏيڻ واري رب جي سامهون پيش ٿيندو ۽ آن جا ستايل به رب پاڪ جي سامهون پيش ڪيا ويندا.
* دنيا جون لذتون جلد ختم ٿي وينديون. دنيا جا عيش ۽ غم به ختم ٿي ويندا.
* تون سمجهيو رهين ٿو، پر موت توکان غافل نه آهي. اي غفلت ۾ سمهڻ وارا، غفلت ۾ ننڊ مان سجاڳ ٿيءُ.
* تون فنا ٿيڻ واري امر کان غافل ٿي ويو آهين، حالانڪ توکي فنا ٿيڻو آهي. دنيا ۾ ڪا به اهڙي شيءِ نه آهي، جيڪا فنا نه ٿئي.

(٢١١)

* مون هن جي مٺي ۾ تلوار هنئي — ڪٽڻ واري تلوار — تيز ڌار واري تلوار.
* انهيءَ تلوار سندس بدن جون هڏيون به ڪپي ڇڏيون ۽ ان جي نڪ کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو.
* اَءُ علي آهيان — تلوار وارو — قيامت جي ڏينهن حوض ڪوثر جو نگهبان هوندس.
* منهنجي پياءُ، نبوت واري، جنهن وقت منهنجي سر تي عمامو رکيو هو، ته فرمايو هو:
* تون منهنجو ڀاءُ آهين، بزرگيءَ جي کاڻ آهين ۽ اهڙو شخص آهين، جنهن لاءِ مون کان پوءِ امامت جو هئڻ لازمي آهي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢١٢)

* عيش جي سامان خاطر پريشان نه ٿيءُ. اصل ڳالهه اِن ڪان سواءِ ٻي ڪجهه به نه آهي، ته رزق جو ضامن الله ڪريم آهي.
* بي‌نياز رهه. ٿوريءَ شيءِ تي به قانع رهه. مرندو مري وڃ، پر ڪم ظرف ڪان سک جي اسباب جي آرزو نه رک.

(٢١٣)

* جنهن شخص جي سرشت ۽ عادتون عالي هونديون، اهو ئي فضيلتن ۽ آدابن سان آراسته هوندو ۽ اهو ئي خوبين سان موصوف هوندو.
* ڪنهن کي به اها خبر نه آهي ته، زماني جي حادثن مان، ڪير ڪهڙي حادثي جو شڪار ٿيڻو آهي.
* جيڪڏهن زمانو توتي ظلم ڪري، ته توتي لازم آهي ته صبر ڪر، ڇاڪاڻ ته توکي، رب پاڪ جي خاطر، بهتر مقصدن سان محڪم رهڻو آهي.
* جيڪڏهن اهل ڪرم توتي ڪا چڱي شيءِ عطا ڪن، ته ان جو توکي شڪر ادا ڪرڻ گهرجي.

(٢١٤)

* صبر ڪرڻ اهڙيءَ شيءِ جي ڪنجي آهي، جنهن جي اميد ڪئي ويندي آهي. سڀ نيڪيون صبر ڪرڻ مان ئي پيدا ٿينديون آهن.
* پوءِ، تون به صبر ڪر، چاهي ڏکن جو زمانو ڪيترو به

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طويل چو نہ ھجي، چاڪاڻ تہ بعض اوقات تہ سرڪش گھوڙا بہ مطيع ٿي پوندا آھن.
* صبر ڪرڻ وارو، اڪثر ڪري، پنھنجي مقصد کي حاصل ڪري وٺندو آھي.

(٢١٥)

* جڏھن تنھنجي اقبال وڏڻ جي ھوا ھلي، تہ ان کي غنيمت ڄاڻ، چاڪاڻ تہ ھوا ھلڻ جي پڇاڙي گھٽ ٿي آھي.
* انھيءَ ھوا دوران، نيڪي ڪرڻ کان غفلت نہ ڪر، چاڪاڻ تہ توکي اھا خبر تہ نہ آھي تہ اھا ھوا ڪھڙي وقت رڪجي ويندي.

(٢١٦)

* زماني مون کي ادب سيکاريو ۽ نااميديءَ مون کي بي‌نياز ڪري ڇڏيو. قوت مون کي قناعت جو مادو عطا ڪيو ۽ صبر منھنجي پرورش ڪئي.
* مون کي زماني جي تجربي پختو ڪري ڇڏيو آھي، ايتري قدر جو مون ان ماڻھوءَ کي بہ روڪي ڇڏيو، جيڪو مون کي روڪڻ چاھي پيو.

(٢١٧)

* لالچ ۾ اچي، مخلوق جي اڳيان عاجزي نہ ڪر، چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ تنھنجي دين جي لاءِ ذلت جو باعث آھي.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* الله ڪان ئي رزق جي آرزو ڪر، جيڪو هن جي خزانن ۾ پريل آهي. هن ڪي پيو ڪو به حڪم ڪرڻو نه آهي، سواءِ ڪ ۽ ن (يعني ڪُن) چوڻ جي.
* بخشش ڪرڻ دين ۽ دنيا ۾ عمدي شيءِ آهي ۽ بخل ڪرڻ بدتر آهي.
* جنهن شخص ۾ تون اميد رکين ٿو، اهو به الله جي مخلوق يعني ڪنهن عاجز پيءُ جو پٽ آهي.
* جيڪڏهن هيئن هجي ها ته عقلمند لاءِ تونگري لازم آهي، ته پوءِ هر عقلمند قارون جهڙو تونگر به هجي ها.
* ليڪن، خدا جي حڪم سان، روزي تارازيءَ ۾ آهي، جيڪا حساب سان، عقلمند ۽ نادان، ٻنهي کي ڏني وڃي ٿي.

(٢١٨)

* جيڪا شيءِ ڏيڍ واري ٿي نه آهي، سا هرگز نه ٿيندي؛ ۽ جيڪو ڪجهه ٿيڻ وارو آهي، اهو جلدئي ٿي پوندو.
* ٿيڻ واري شيءِ، عنقريب، ٿي پوندي. جاهل يا سندس ساٿي رنجيده ۽ غمگين ٿي رهندو آهي.
* هوڏ وارو انسان پنهنجي هوڏ سان ڪوشش ڪري ٿو، پر هن کي ڪجهه به حاصل ڪونه ٿو ٿئي. البت، هيٺو ۽ نماڻو انسان بهره ور ٿي وڃي ٿو.

(٢١٩)

* جڏهن انسان انهيءَ شيءِ تي راضي نٿو ٿئي، جيڪا هن لاءِ

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ممکن هوندي آهي، تہ پوءِ سندس حال اهڙا ئي ويندا رهجي آهن، جهڙا اصل هوندا آهن ۽ ان کان وڌيڪ درست ڪونہ ٿيندا آهن.
* پوءِ اهڙي ڪم جي تدبير سوچڻ کان باز اچ، جيڪو برو آهي. شايد، رڳو هڪ ڏينهن لاءِ توکي ڪلڻ نصيب ٿئي، ۽ سڄي سال لاءِ نہ.

(٢٢٠)

* دنيا پنهنجي رهواسين لاءِ تبديل ٿيندي رهي ٿي: هر روز ہہ دفعا، يعني صبح جو ۽ شام جو.
* دنيا جو صبح گڏ ٿيڻ لاءِ آهي ۽ شام منتشر ٿيڻ لاءِ.

(٢٢١)

* هي اهڙو زمانو آهي، جنهن جا ماڻهو ياڻيچاري ۾ ننڍا رهن.
* ان جا رهواسي ظالم آهن. انهن جون ہہ زبانون ۽ ہہ وات آهن.
* اهي ماڻهو خوشروئيءَ سان ملن ٿا، پر انهن جي دلين ۾ بغض ۽ کوٽ ڀريل آهي، جنهن کي هو دلين ۾ لڪائي رکن ٿا.
* جڏهن تون انهن جي نظرن کان غائب ٿيندو آهين، تہ هو توکي گلا ۽ الزام جا تير هڻندا آهن.
* هن زماني جا ماڻهو اهڙا ئي آهن. دوستي رکڻ لاءِ توکي ہہ ماڻهو بہ ڪونہ ملندا.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* تون اڪيلو ٿي گذار، زمانو توکي ڪنهن به ماڻهوءَ سان مانوس ٿيڻ نه ڏيندو.

(٢٢٢)

* اي فاطمه، تون بزرگيءَ ۽ يقين واري آهين. تون سڀني انسانن جي بهترين پيٽ آهين.
* چا، تون بيڪس ۽ ڏکويل ماڻهوءَ کي ڪانه ٿي ڏسين. بيشڪ، هو دروازي تي بيٺو آهي ۽ هن جي نصيب ۾ روئڻ ئي روئڻ آهي.
* هو پنهنجي رب کان دعا پني ٿو ۽ روئي ٿو. اسان سان پنهنجي بک جي شڪايت ڪري رهيو آهي ۽ غمزده آهي.
* هر هڪ شخص پنهنجي عمل ۾ گهيريل آهي. نيڪ ڪم ڪرڻ وارو اهو آهي، جيڪو سهڻو قرض ڏئي ٿو.
* اهڙي شخص لاءِ، جنت ۾ مقام عليين جو وعدو ڪيل آهي، ۽ انهيءَ جنت کي الله بخيل لاءِ حرام ڪري ڇڏيو آهي.
* بخيل لاءِ، دنيا جي جڳهه غمناڪ آهي ۽ ان کي سجين جي طبقي اسفل يعني سڀ کان هيٺين طبقي جي باهه ۾ وڌو ويندو.
* ان جي پيئڻ لاءِ ٽهڪندڙ پاڻي هوندو ۽ بدن جو پسينو. هو ان ۾ مدتن ۽ سالن لاءِ رهندو.

(٢٢٣)

* غصي ڏيارڻ وارين ڳالهين کي اڳ پڌو اڻ پڌو ڪري

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڌڌيندو آهيان.

* آءٌ بردباري ڪندو آهيان، ڇاڪاڻ تہ بردباري مون سان مانوس آهي.

* بيشڪ، آءٌ گھٽي ڳالهائڻ کي ترڪ ڪريان ٿو، تہ جيئن مون کي پنھنجي نامناسب ڳالھہ جو جواب نہ ٻڌايو وڃي.

* توهان ماڻھن کي ڏسي، هروڀرو مرعوب نہ ٿيو، پوءِ ڇا هي هو توهان جي اڳيان سينگارجي اچن ۽ توهان کي فريب ڏيڻ جي ڪن.

* اڪثر ماڻھو اهڙا بہ آهن، جيڪي ڏسڻ وارن کي، بظاهر، چڱا نظر اچن ٿا، پر حقيقت ۾، اهڙن ماڻھن جون ڪيتريون ئي زبانون آهن ۽ ڪيترا ئي وات.

* اهڙا ماڻھو نيڪين جا بيقدر ۽ برائين کان بيخوف رهن ٿا.

(٢٢٤)

* انسان جو نفس اهڙيءَ شيءِ لاءِ بي صبري ڪندو آهي، جنھن جو هو حاجتمند هوندو آهي، حالانڪ اهڙي حاجتمندي انھيءَ تونگريءَ کان بھتر آهي، جيڪا گمراهہ ڪندڙ هجي.

* نفس جو بي نياز رهڻ ئي ڪافي روزي آهي. جيڪڏهن انسان ان کان انحراف ڪندو، تہ پوءِ جيڪو بہ زمين تي آهي، اهو ان لاءِ ڪافي نہ رهندو.

(٢٢٥)

* انسان جي نفس ۾ بي نيازي بہ آهي تہ فقيري بہ.

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

* قناعت ڪرڻ واري لاءِ گهٽ شيءِ به ڪافي هوندي آهي.
* پنهنجي نفس کي قناعت سان سينگار. پيءِ صورت ۾، تنهنجو نفس انهيءَ شيءِ کان به وڏيڪ شيءِ جي خواهش ڪندو، جيڪا تنهنجي لاءِ ڪافي آهي.
* تنهنجي عمر طويل نه آهي، پر توکي جيڪا عمر ڏني ويئي آهي، اها صرف ايتري عرصي لاءِ آهي، جيسين تون زنده آهين.

(۲۲۶)

* جيڪڏهن تون شيرين ۽ عمدي زندگي گذارڻ چاهين ٿو، ته ڪنهن سان به حسد ۽ بخل نه ڪر. دنيا جو ڪڏهن به حرص نه رک.

(۲۲۷)

* توکي اهڙو باهمت انسان ٿيڻ گهرجي، جنهن جا قدم ته خاڪ تي هجن، پر سر پروين ستارن جي به مٿان هجي.
* مالدار ۽ دولتمند جي بخشش کان انڪار ڪرڻ گهرجي. تون اهڙيءَ شيءِ لاءِ نه واجهاءِ، جيڪا انهن جي هٿ ۾ هجي.
* تحقيق، آب حيات جو وهائي ڇڏڻ، آبروءَ جي وهائي ڇڏڻ کان بهتر آهي.

(۲۲۸)

* نفس دنيا تي ڪوڙها وهائي ڏي، پر ڇگيءَ طرح جائي ٿو

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ دنيوي شين جي ترڪ ڪرڻ ۾ ئي حقيقي سلامتي آهي.

* موت کان پوءِ انسان لاءِ ٻيو ڪو بہ مقام نہ آهي، جتي هو قرار ڪري. البت هن لاءِ اهو ئي گهر آهي، جيڪو هن موت کان اڳ پنهنجي لاءِ ٺاهيو آهي.

* پوءِ جيڪڏهن خوبيءَ سان ٺاهيو اٿس، تہ ان ۾ رهڻ بهتر آهي؛ ۽ جيڪڏهن ان کي برائيءَ سان ٺاهيو اٿس، تہ اتي رهڻ بہ برو آهي.

* اهي سڀ بادشاه ڪٿي آهن، جيڪي غالب ۽ برسر اقتدار هئا. هاڻي تہ انهن کي موت جي پيالي پيارڻ واري موت جو پيالو پياري ڇڏيو آهي.

* انسان پنهنجي اميدن کي وسعت ڏيندو رهي ٿو ۽ زمانو انهن کي تنگ ڪندو رهي ٿو. نفس اميدن کي پراگنده ڪري ٿو.

* اسان جو مال پونين لاءِ آهي ۽ اسان جا گهر ويران ٿيڻ لاءِ تيار ڪيا ويا آهن.

* دنيا ۾ ڪيترا ئي شهر آباد ڪيا ويا. اهي سڀ برباد ٿي ويا ۽ موت ڪين عزيزن کان بہ وڌيڪ ويجهو ٿي ويو.

(٢٢٩)

* جنهن شخص جي اصل پيدائش پاڪ نہ هوندي، ان جي وات مان بہ ڪا صاف ۽ پاڪ ڳالهہ نہ نڪرندي.

* جيڪڏهن هن جي اصليت پوشيده رهي ٿي، تڏهن بہ

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار مان اندارو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس اندر ۾ ڇا آهي.

(۲۳۰)

* علم جي مجلس جنت جو باغ آهي. انسان جي طبيعت جي تيزي سندس هلاڪت جو سبب آهي.
* شريرن جي صحبت ڪان درياءَ ۾ لڙهڻ بهتر آهي. جيڪو خاموش رهي ٿو، سو شرمندو نٿو ٿئي.
* بزرگن جي محفل گفتگو جو هڪ قلعو آهي. انسان جي فطرت هن جي زبان جي هيٺان آهي.

(۲۳۱)

* رات جو بيهڻ (عبادت ۾) مسلمان جي دل جو نور آهي. موت کي وسارڻ دل جي ڪدورت آهي.
* انڌيري جي نمازن ۾ قبر جو نور آهي. پنهنجي ذات تي غور ڪر، جيستائين وچي تنهنجا وار سفيد ٿين.
* فرش تي قبر جي اطمينان سان سمهي رهه، ڇاڪاڻ ته بي‌نيازيءَ ۾ ئي مراد جو حصول آهي.

(۲۳۲)

* جيڪو ڪجهه تنهنجي لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، سو ئي توکي ملندو. سخن چين، هڪ ڪلاڪ ۾ مهنن جا فتنا دور ڪرڻ جو ڪم ڪري ڇڏي ٿو.
* صدقو ڏيڻ عمر کي وڌائي ٿو. توکي روزي اهڙيءَ طرح

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولي ٿي، جهڙيءَ طرح تون ان کي ڳولين ٿو.

* خوف رکڻ وارو شخص، جڏهن خوف جي مقام تي پهچي ٿو، ته امن حاصل ڪري ٿو. صبر ڪندڙ حاڪم پنهنجي منزل مقصود تي پهچي وڃن ٿا.

* انسان پنهنجي سچائيءَ سان وڏا رتبا حاصل ڪري وٺي ٿو. پاڻ پڏائڻ ۽ احسان جتائڻ سان ته اهو به ختم ٿي وڃي ٿو، جيڪو ماڻهوءَ جي قسمت ۾ لکيل آهي.

---

books.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ باروڊَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........
... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چـو، ڇـالاءِ ۽ ڪـيـئـن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون پاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)